ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 03 جون 2026ع 17 ذوالحج 1447هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپيه شمارو (287)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi
Wednesday 3rd June 2026

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جا انٽيليجنس بيسڊ آپريشن، ڀارتي حمايت يافته 17 دهشتگرد ماريا ويا

سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بيسڊ آپريشن 24 مئي تي ٽرين واري واقعي کانپوءِ مستونگ، نوشڪي، زهري، خضدار ۽ ڪيچ جي ضلعن ۾ ڪيا، دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو ويو

دهشتگردن جي مارجڻ سان انهن علائقن ۾ دهشتگرد نيٽ ورڪ کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي، مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار، وڏي مقدار ۾ بارودي مواد ۽ آءِ اي ڊيز هٿ ڪيون ويون آهن

مختلف علائقن ۾ ڪليئرنس آپريشن جاري، ادارن جي ملڪ گير دهشتگردي جي خاتمي واري مهم ڀرپور نموني جاري رهندي ۽ ملڪ مان ٻاهرين حمايت يافته دهشتگردي جي خطري جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيا آهن جن ۾ 17 دهشتگردن کي جهنم پهچايو ويو ويو آهي پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، سيڪيورٽي فورسز آهي آپريشن 24 مئي تي ٽرين واري واقعي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پوري دنيا توهان سان ۽ اسرائيل سان نفرت ڪري ٿي: آمريڪي صدر جي اسرائيلي وزيراعظم تي ڪاوڙ

ٽون ٽي جنون سوار آهي، ٽون لبنان ۾ فوجي ڪارروائيون تيز ڪري ايران سان آمريڪا جي ڳالهين کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو: آمريڪي صدر

پوري دنيا کي خبر آهي ته هن وقت سموري دنيا ٽون سان نفرت ڪري ٿي، سموري دنيا اسرائيل سان نفرت ڪري ٿي

اهي ڪارروائيون جاري رهڻ جي صورت ۾ نه صرف ڳالهيون معطل ٿي سگهن ٿيون ...

واشنگٽن (اسٽاف رپورٽ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو کي ... ٽان لاهڻ جو الزام لڳائيندي ...
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2


آمريڪي صدر ٽرمپ ۽ اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو (فائيل فوٽو)

اسرائيلي حملا بند نه ٿيا ته آمريڪا سان ڳالهيون روڪي ڇڏينداسين: ايران

غزا ۾ اسرائيلي ڪارروائيون مزاحمتي محور کي ردعمل ڏيڻ تي مجبور ڪري ڇڏينديون

صهيوني حڪومت ۽ آمريڪي فوجن کي خبردار ڪيون ٿا ته انهن جا ڪوڪلي ڌمڪي ناهي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني پارليامينٽ جي اسپيڪر ۽ ڳالهين واري عمل جي سربراهه باقر قاليباف چيو آهي ته جيڪڏهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري جا بلوچستان ۾ فتنه الهندستان خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي ...
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

جسٽس ڊاڪٽر سيد محمد انور وفاقي شرعي عدالت جي رقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف کڻي ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) جسٽس ڊاڪٽر
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ سالياني ترقياتي پروگرام جي 16 اسڪيمن لاءِ 8.824 ارب رپين جي اضافي فنڊن جي منظوري

رقم مان 6.206 ارب رپيا اي ڊي پي بلاڪ اليڪيشن مان ڀيهر رکيا ويندا جڏهن ته 2.618 ارب رپيا نئين ترقياتي اليڪيشن مان ايندا، منصوبن جي مجموعي تخميني لاڳت 11.198 ارب رپيا آهي

حاجي ابراهيم عيسي روڊ، حاجي ڪيمپ روڊ، ڪورنگي لنڪ روڊ، ميرين ڊرائيو کي ڳنڍيندڙ ڪلفٽن جا روڊ، اسڪيم-33 ۾ مهراڻ ۽ پاڃيرو روڊ، ڪورنگي ڪريڪ ائريس روڊ اسڪيمن ۾ شامل

ڪابينا 485 ملين رپين جي لاڳت سان درگاهه قلندر لعل شهباز لعل باغ ۽ سول سينٽر، سيوهڻ جي بحالي ۽ اپ لفٽنگ جي عنوان سان هڪ غير اي ڊي پي اسڪيم جي منظوري ڏني

12.5 سيڪڙو قدرتي گئس جي رائلٽي مڪمل طور تي نقدي جي بجاءِ، فيلڊ-ٽو-فيلڊ جي بنياد تي جنسي صورت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ نئين فريم ورڪ جي شروعات جي منظوري پڻ ڏني

ڪابينا ريٽائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج راشده صديقي جي قانون واري کاتي ۾ ٽن سالن جي مدت لاءِ صلاحڪار طور تقرري ۽ بيرسٽر سيد غلام شبير شاهه جي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ طور تقرري جي پڻ منظوري ڏني

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اڳواڻي ڏيڻهن صوبائي ڪابينا جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ مالي انفراسٽرڪچر توانائي صحت، سيڪيورٽي ۽ تعليمي قدمن جي هڪ وسيع پيڪيج جي منظوري ڏني وئي، جنهن ۾ سڄي صوبي ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نڪاسي جي اسڪيمن لاءِ 8.825 ارب رپين جا اضافي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي هر قيمت تي ناڪام بڻايو ويندو: وزيراعظم

وزيراعظم پاران بلوچستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي جي ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

وزيراعظم بلوچستان جي مختلف ضلعن ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي صلاحيتن کي ساراهيو

دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي جي لاءِ حڪومت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي جي ڪامياب ڪارروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جي امن
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف پروگرام سبب ترقياتي بجيٽ متاثر، فنڊن جي استعمال ۾ وڏي گهٽتائي جو انڪشاف

آءِ ايم ايف جي پروگرام هيٺ لاڳو سخت شرطن سبب ترقياتي بجيٽ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿي آهي

ترقياتي ڪمن لاءِ رکيل هڪ هزار ارب رپين مان هيئنر تائين رڳو 528 ارب رپيا ئي خرچ ڪري سگهيا آهن

پاڪستان ۾ سيڙپڪاري گذريل قومي پيداوار جي 2.6 سيڪڙو مان گهٽجي 0.6 سيڪڙو تي پهچي وئي آهي: احسن اقبال

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عالمي ناڻي فنڊ جي پروگرام سبب ملڪ جي ترقياتي بجيٽ متاثر ٿي آهي ۽ رٿيل ناڻي جي واپرائڻ ۾ وڏي گهٽتائي سامهون آئي آهي آءِ ايم ايف جي پروگرام هيٺ لاڳو سخت
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

فوجي صلاحيتن ۾ واڌ ٿي آهي، ٻيهر جنگ ٿي ته نوعيت ۽ هٿيار اڳ کان مٽ هوندا: پاسداران انقلاب

جنگبندي دوران ايران جي فوجي سگهه ۾ وڌيڪ واڌ ٿي آهي ۽ هٿياربند فوجون اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مضبوط ۽ تيار آهن

فوجون ماضي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ بهتر حالت ۾ آهن ۽ بچاءَ جي تيارين جي حوالي سان وڌيڪ سگهاريون ٿي چڪيون آهن

ايراني فوجن کي مخالف ڌر جي حڪمت عملي، سگهه ۽ ڪارروائي واري انداز کي وڌيڪ چڱيءَ ريت سمجهڻ جو موقعو مليو: جنرل سردار محبي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاسداران انقلاب (آءِ آر جي سي) جي ترجمان جنرل سردار محبي چيو آهي ته جنگبندي دوران ايران جي فوجي ۽ ڪارروائي واري سگهه ۾ وڌيڪ واڌ ٿي آهي ۽ هٿياربند فوجون اڳ
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ايران ۾ جهڙپون، عالمي منڊي ۾ افراتفري، تيل 8 سيڪڙو مهانگو

توانائي جي اگهن جا لائيو انگ اکر ڏيکاريندڙ اسڪرينون ڳاڙهي رنگ ۾ تبديل

اسٽاڪ مارڪيٽ گذريل هفتي جي محتاط اميد واري صورتحال کان مڪمل طور الڳ ٿي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا ۽ ايران جي محدود فوجي ٽڪراءَ سبب عالمي مارڪيٽون سخت لاهن چاڙهن جو شڪار
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ اٽلي ۾ سفارتي پاسپورٽس تي ويزا ختم ڪرڻ جو معاهدو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ اٽلي جي وچ ۾ سفارتي پاسپورٽس تي ويزا ختم ڪرڻ جو معاهدو ٿيو آهي اٽلي ۾
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪشمير ۽ سنڌ جو رشتو صديون پراڻو ۽ لازوال آهي: وزيراعظم آزاد ڪشمير ترجمان

سنڌي صحافين جي وفد سان وزيراعظم سيڪريٽريٽ ۾ خصوصي ملاقات

عوامي ايڪشن ڪميٽي جا اڪثر مطالبا حل ٿي چڪا آهن: شوڪت جاويد مير

باقي مطالبن تي به قانوني طريقي سان تيزي سان ڪم جاري آهي

مظفر آباد (رپورٽ: قربان علي بگهيو) آزاد جمون ۽ ڪشمير جي وزيراعظم جي ترجمان شوڪت جاويد مير چيو آهي ته ڪشمير ۽
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر آصف علي زرداري ۽ گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ ملاقات

ملاقات ۾ سياسي، داخلي ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه

ملڪ کي درپيش چئلينجن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي بابت خيال ونڊيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صدر پاڪستان آصف علي زرداري سان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اهم ملاقات ڪئي جيڪا
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي نئين بجيٽ 3800 ارب رپين کان وڌڻ جو امڪان، تعليم ۽ صحت لاءِ وڌيڪ ٺاهه تجويز

مالي سال 2026-27ع جي بجيٽ ۾ 500 ارب رپين کان وڌيڪ واڌ جي سفارش

تعليم جي بجيٽ 550 ارب رپين کان مٿي، نين ڀرتين ۽ تعليمي ادارن جي بهتري تي زور

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ حڪومت مالي سال 2026-27ع جي سالياني بجيٽ جي تيارين کي حتمي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ گهٽ ۾ گهٽ اجرت 40 هزار رپيا ڪئي وئي آهي: سکديو همناڻي

مزدورن، ماهيگيرن ۽ گهريلو ملازمن کي به قانونسازي ۽ پاليسي ذريعي تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي

اقليتن جي تحفظ، عورتن جي بااختياري ۽ انساني حقن بابت سنڌ حڪومت جا اهم قدم کنيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت سنڌ جي ترجمان سکديو همناڻي چيو آهي ته سنڌ يورپي يونين جي ايس پي پلس پروگرام
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ميئر ڪراچي طرفان هل پارڪ پرسان پلاٽ جي مالڪي بابت جاچ جو حڪم

وفاقي وزارت هائوسنگ کان مڪمل رڪارڊ ۽ دستاويزن جي فراهمي جي درخواست

عوامي زمينن جي تحفظ ۽ شفافيت لاءِ سخت ڪارروائي جاري رکڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب عوامي زمينن جي تحفظ ۽ ڪراچي جي اهم تفريحي ماڳن کي محفوظ
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اٽلي: چئن پاڪستانين جي قتل ۾ ملوث ٻه پاڪستاني گرفتار

روم (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اٽلي ۾ 4 پاڪستانين جي قتل جي الزام ۾ 2 پاڪستانين کي گرفتار ڪيو ويو آهي اطالوي ميڊيا موجب اهو واقعو ڏکڻ اٽلي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: چيئرمين سينيٽ يوسف رضا گيلاني آسٽونيا جي ٻهرين عورت اڳوٽي وزيراعظم ڪجا ڪالس سان هٿ ملائي رهيو آهي

افغانستان ۾ مسافر گاڏي کاهيءَ ۾ ڪري پئي، 8 ڄڻا فوت، 16 زخمي

ڪابل (اي پي پي) افغانستان جي پروان
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۾ دهشتگردن جي خاتمي تي وڏي وزير جو سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

ملڪ دشمن عنصرن کي سختي سان ڪچليو ويندو: مراد علي شاهه

قوم بهادر جوانن تي فخر ڪري ٿي، آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين آپريشن جاري رهندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۾ 17 ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جي مارجي وڃڻ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ جي صدارت هيٺ اهم اجلاس، پوليس شعبن جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو

سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ مختلف شعبن جي آفيسرن پاران بريفنگ پيش

مالي معاملن، ڀرتين، ويلفيئر ۽ انتظامي قدمن بابت تفصيلي رپورٽون پيش ڪيون ويون

شفافيت، جدت ۽ عوامي خدمت جي معيار ۾ بهتري آڻدي وڃي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ پوليس جي مختلف
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ديامر ڀاشا لاءِ 100 ارب ڏنا، پر اڃا تائين ڊيم ناهي ٺهي سگهيو: نواز شريف

گلگت بلتستان ۾ منصوبا شروع ته ٿين ٿا پر ختم ٿيڻ جو نالو نٿا وٺن، اسان کان سواءِ ڪنهن به جماعت هتي ڪم نه ڪيو آهي

جڏهن مان وزيراعظم هئس ته ڪيترائي ڀيرا اسڪردو ۽ گلگت ويو هئس، مان جنهن گلگت کي سڃاڻان ٿو اهو ڪٿي آهي؟

هتي پاڻي موجود آهي، سج آهي، هتي ته توانائي جو مسئلو هئڻ ئي نه گهرجي، هتي سياري ۽ اونهاري ۾ بجلي جي ڊگهي لوڊشيڊنگ ٿئي ٿي

گلگت (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزيراعظم مسلم ليگ (ن) جي صدر نواز شريف چيو آهي ته گلگت بلتستان ۾ منصوبا شروع ته ٿين ٿا پر ختم ٿيڻ جو نالو نٿا وٺن اسان کان سواءِ ڪنهن به جماعت هتي ڪم نه
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

شاهينا شير علي جو وزيراعليٰ سنڌ هائوس شڪاياتي مرڪز جو دورو

صوبائي وزير ٽيليفونڪ ذريعي شهرين جا مسئلا ٻڌي فوري حل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا

شڪايتون بنا دير لاڳاپيل ادارن ڏانهن اماڻڻ جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ترقي نسوان سنڌ شاهينا شير علي وزيراعليٰ سنڌ هائوس جي شڪاياتي مرڪز ۾ مصروف
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اينٽي نارڪوٽڪس فورس پاران ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون، 2 جوابدار گرفتار

راولپنڊي (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس، ملڪ جي مختلف شهرن ۾
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وفاقي وزير عبدالعليم خان جي صدارت اجلاس ٿي رهيو آهي

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان بيلجيئم ۾ پاڪستان جي سفير رحيم حيات قريشي جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان بيلجيئم ۾
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پ پ اڳواڻ شازيه مري جا گلگت بلتستان چونڊن ۾ مداخلت جا الزام

سرڪاري وسيلن جي استعمال ۽ وفاقي وزيرن جي چونڊ مهم ۾ شموليت تي اعتراض

بلاول ڀٽو جي فارم 45 ۽ فارم 47 بابت بيان کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو پيو وڃي: شازيه مري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينئر اڳواڻ شازيا مري گلگت بلتستان جي اليڪشن ۾ وفاقي حڪومت
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج دورو، سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان پاڪستان اسٽاڪ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پهرين حج اڏام ذريعي واپس آيل حاجين جو شاندار استقبال، ناصر شاهه جي شرڪت

163 حاجي سعودي عرب کان ڪراچي پهتا، سرڪاري عملدارن ۽ وارثن جو گرمجوشي سان استقبال

حج جي سعادت حاصل ڪندڙ حاجي پوري قوم لاءِ دعائن، رحمتن ۽ برڪتن جو پيغام کڻي وطن واپس آيا آهن: ناصر شاهه

سعودي عرب ۾ پاڪستان جي سفارتي عملي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جون خدمتون قابل تعريف آهن

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) سنڌ جي بلديات واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪراچي ايئرپورٽ تي پهرين حج اڏام وسيلي وطن واپس ايندڙ حاجين جو پرتپاڪ استقبال ڪيو ۽ ڪين گلن جا هار پارائي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه حج پاڻيڙن جو آڌرڀاءُ ڪندي

منشيات فروشن خلاف ڪارروايون

جو جائزو: سنڌ اسيمبلي جي قائمه ڪميٽي جو اجلاس سڏائڻ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منشيات فروشن خلاف ڪارروائين جو جائزو وٺڻ لاءِ گهوٽڪي سنڌ اسيمبلي جي قائمه ڪميٽي براءِ داخلا جو اجلاس 4 جون تي
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2


لاهور: پاڪستاني رانديگر آسٽريلوي بيٽسمين جي آئوٽ ٿيڻ تي جشن ملهائيندي

ٽنڊوآدم مان 2 مهينا اڳ واپاري کان ڦر الزام ۾ ٻه جوابدار گرفتار، رقم برآمد

ڪامران مغل جي ايجنسي تان چوري ۾ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

جوابدارن وٽان هڪ ڪروڙ 3 لک 50 هزار روپيه پڻ برآمد ڪيا آهن وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم مان واپاري اڳواڻ عبدالقدير مغل جي پٽ ڪامران مغل جي گيهه جي ايجنسي مان هڪ ڪروڙ 80 لک
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ هالينڊ سال ڪٽڪ جي بمپر فصل ٿي آهي: مخدوم محبوب الزمان

مارڪيٽ ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ يا مصنوعي بحران پيدا ڪرڻ جي ڪا به گنجائش ناهي

ڪڻڪ، اٽي ۽ ماني جي قيمتن ۾ مصنوعي واڌ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب الزمان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ اٽي ۽ ماني جي اگهن ۾ واڌ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وڏي وزير ۽ چيني قونصل جنرل وچ ۾ ملاقات، ٻطرفي تعاون وڌائڻ تي اتفاق

پاڪستان-چين سفارتي لاڳاپن جي 75 هين سالگرهه تي مبارڪباد ۽ نئين تعاون جي عزم جو اظهار

زرعي ترقي، جديد ٽيڪنالاجي ۽ سيڙپڪاري لاءِ وفدن جي تبادلن تي اتفاق ڪيو ويو

وڏي وزير جو چين جي هوبئي صوبي جو دورو قبول، اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي تحفي طور پيش ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان چين جي قونصل جنرل يانگ يوندونگ اهم ملاقات ڪئي جنهن ۾ ڊپٽي قونصل جنرل مسٽر شينگ ۽ وڏي وزير جي پرنسپل سيڪريٽري آغا
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: رانا مشهود احمد خان سي اي او جنريشن ان لمٽڊ يونيسيف سان ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ پوليس مقابلا ۽ ڪارروايون، هڪ جوابدار مارجي ويو ٻيو زخمي حالت ۾ گرفتار

عوامي ڪالوني ۾ مبينا مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار اسپتال ۾ فوت

نارٿ ڪراچي ۾ شهرين ڦرلٽ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ٻه جوابدار پڪڙي پوليس حوالي ڪيا

ايس آءِ يو جي ڪارروائي ۾ پٽا خوري ڪيس سان لاڳاپيل مبينا جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) جي مبينا ڏوهارين سان
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير حسين اجلاس کي خطاب ڪندي

گلگت بلتستان جي چونڊن کي تڪراري بڻائڻ جي ڪوشش کان پاسو ڪيو وڃي: حليم عادل شيخ

گلگت بلتستان جي عوام کي پنهنجو ووٽ آزاداڻي نموني استعمال ڪرڻ جو مڪمل حق حاصل آهي

ميڊيٽ تي ڌاڙو هڻڻ جي روايت ماضي ۾ پاڪستان کي سياسي ۽ معاشي بحرانن سان منهن ڏياري چڪي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته گلگت بلتستان جي ايندڙ چونڊن
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

وفاقي ترقياتي بجيٽ ۾ سنڌ کي نظرانداز ڪرڻ تي اي پي سي سي اجلاس ۾ سخت احتجاج

جام خان شورو وفاقي بجيٽ تجويزون رد ڪندي سنڌ سان ناانصافي قرار ڏئي ڇڏي

سکر-حيدرآباد موٽروي ۽ ٻين اهم منصوبن لاءِ 150 ارب جي ضرورت، رڳو 3 ارب مختص

13 سالن کان وفاق مسلسل سنڌ کي ترقياتي بجيٽ ۾ نظرانداز ڪري رهيو آهي: جام خان شورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير منصوبابندي احسن اقبال جي صدارت هيٺ منعقد ٿيل سالياني پلان ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (اي پي سي سي) جي اهم اجلاس جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي، جعلي يو اي اي ورڪ ويزا فراڊ بي نقاب

دبئي وڃڻ جي ڪوشش ڪندڙ مسافر جعلي ويزا تي ايئرپورٽ تان روڪيو ويو

سوشل ميڊيا ذريعي ايجنٽ کان 3 لک 80 هزار رپيا وٺي فراڊ ڪرڻ جو انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايف آءِ اي اميگريشن ڪراچي وڏي ڪارروائي ڪندي جعلي يو اي اي ورڪ ويزا فراڊ کي بي نقاب
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ منشيات خلاف ڪارروائي، شيرين عرف شيرينا گرفتار

گلستان جوهر ۾ پوليس ڇاپو هڻي عورت کي ٻن پٽن سميت گرفتار ڪري ورتو

نيٽ ورڪ بابت جاچ جاري، ماضي ۾ به گرفتار ۽ دستي بم هٿ اچڻ جو انڪشاف

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انمول عرف پنڪي جي گرفتاري کان پوءِ هاڻي ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ پوليس ڪارروائي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اهلڪار سميت 6 ڄڻا قتل لاڙڪاڻي ۾ بدامني جي انتها آهي: ڪاشف سعيد شيخ

لاڙڪاڻي ۾ امن امان جي اها صورتحال آهي ته پوءِ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ڪهڙي حالت هوندي

سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ، قتل ۽ غارت، ڀتڪ لاءِ اغوا، چوري ۽ ڦر جي واقعن وارداتن شهرين جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي

ڪراچي/لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جماعت
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: صوبائي ترجمان سکديو هيمناڻي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي: حب ريور روڊ تي مڙس ۽ زال کي ڪچلڻ بعد فرار ٿيندڙ ڊمپر ڊرائيور گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ حب ريور روڊ تي ٻي ڏينهن اڳ مڙس ۽ زال کي ڪچلڻ بعد فرار ٿيندڙ ڊمپر ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو ويو آهي حادثي ۾ مڙس موقع تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته زال
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان هميشه پ پ جو هڪ مضبوط سياسي قلعو رهيو آهي: ڊاڪٽر شام سندر آڊواڻي

گلگت جا ماڻهو شهيد ذوالفقار ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي نظريي کي دل سان قبول ڪن ٿا

عوام کي يقين آهي ته پ پ وٽ مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ علائقي کي ترقي ڏيڻ جو ويزن آهي

پارٽي قيادت بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ عوامي خدمت، ترقي ۽ خوشحالي جي سفر کي تسلسل سان اڳتي وڌائيندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبر ۽ اقليتي معاملن بابت سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر آڊواڻي چيو آهي ته گلگت بلتستان ۾ ايندڙ چونڊن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: بي ايم ڊبليو گاڏي ضبط ۽ 5 لک جرماني واري معاملي تي عدالتي نوٽيس جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل سيشن جج ڏکڻ بي ايم ڊبليو گاڏي تحويل ۾ وٺي 5 لک رپيا جرمانو وصول ڪرڻ واري معاملي تي ڊي ايڇ اي ويجلنس، ايس ايس پي ڏکڻ
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

محبت واهه اسڪيم ناقص ۽ فني طور غلط ڊيزائن تحت تعمير ڪئي وئي: نفيسه شاهه

اسڪيم ۾ خامين جي ڪري لڳ ڀڳ 20 هزار ايڪڙ زرعي زمين متاثر ٿي آهي

سينيئر آبپاشي انجنيئرن ۽ ماهرن تي ٻڌل ٽيم جوڙي اسڪيم جو معائنو ڪيو وڃي

خيرپور (ڊر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه پاران محبت واهه اسڪيم جي فني خامين بابت آبپاشي کاتي کي ٽيڪنيڪل ٽيم جوڙڻ جي گهر ڪري ڇڏي. ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه آبپاشي کاتي سنڌ جي صوبائي وزير جام خان شورو کي خط لکي محبت واهه جي 0 آر ڊي کان 60 آر ڊي تائين 2012 ۽ 13 دوران تعمير ٿيل آبپاشي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ پي ايم يو اي جي سهڪار سان ٽيون نيشنل امپاور گرلز ٽورنامينٽ 2026 جو اعلان

والي بال، بيڊمنٽن، تائيڪوانڊو ۽ ايٿليٽڪس سميت چار راندين ۾ هزارين ڇوڪريون شرڪت ڪنديون

وزيراعظم يوٿ پروگرام جي سهڪار سان ڇوڪرين کي قومي ۽ عالمي سطح تي موقعا فراهم ڪرڻ جو عزم

امپاور اسپورٽس اڪيڊمي جو ويزن پاڪستاني ڇوڪرين کي اولمپڪس تائين پهچائڻ لاءِ منظم رستو تيار ڪرڻ آهي: رانا مشهود احمد

ڪراچي (رپورٽ جي ايم خاصخيلي) پاڪستان ۾ راندين جي ذريعي ڇوڪرين کي بااختيار بڻائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ اداري امپاور اسپورٽس اڪيڊمي گورنر هائوس ڪراچي ۾ وزيراعظم يوٿ پروگرام
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سانگهڙ: منشيات فروشن سان مبينا ڳٺ جوڙ جي الزام هيٺ پيرومل ٿاڻي جو سپاهي برطرف

سانگهڙ (ڊ ر) ايس ايس پي سانگهڙ شاهنواز چاچڙ منشيات فروشن سان مبينا ڳٺ جوڙ جي الزام هيٺ پيرومل ٿاڻي تي مقرر سپاهي يونس شاهه کي سروس مان
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

سنڌ اندر امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي: اسماعيل شاهه راشدي

خيرپور ضلعي جي مختلف علائقن ۾ بيگناهه ماڻهن کي ڦر دوران قتل ڪيو ويو

جلد امن بحال نه ڪيو ويو ته فنڪشنل مسلم ليگ ۽ جي ڊي اي احتجاج ڪندي

خيرپور (ڊر) فنڪشنل مسلم ليگ ضلع خيرپور جي صدر سيد اسماعيل شاهه راشدي چيو آهي ته خيرپور ضلعي سميت پوري سنڌ اندر امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي گذريل مهيني ۾
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

منظور وسان طرفان اڳوڻي اي آءِ جي غلام شبير شيخ کي 50 ڪروڙ رپين جو قانوني نوٽيس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر مرڪزي اڳواڻ سنڌ جي سينيئر پارليامينٽرين ۽ اڳوڻي صوبائي گهرو وزير منظور حسين وسان اڳوڻي ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل (اي آءِ جي پي)
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ قتل ٿيل 4 گهرڀاتين جي قتل جو ڪيس 15 جوابدارن خلاف داخل، گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پراڻي تڪرار تان هٿياربندن جي ننڍ سنڌ 4 گهرڀاتين کي قتل ڪري نيٺڪري سميت 2 ڄڻن کي زخمي ڪرڻ وارو معاملو واقعي
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

ڪراچي دڪان ۾ ڪمپريسر ڦاٽڻ سبب هڪ ڄڻو فوت، 4 زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ملير ڪينٽ ٿاڻي جي حد صفوران چورنگي جي پرسان سنڌ گرين هوٽل لڳ دڪان ۾ ڪمپريسر ڌماڪي سان ڦاٽي پوڻ جي نتيجي ۾ هڪ شخص فوت ٿي ويو جڏهن
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: ڪراچي پوليس چيف آزاد خان تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي


پشاور: نيب چيئرمين نذير احمد نيب ضبط ڪيل گاڏين جو معائنو ڪري رهيو آهي

شهدادپور لڳ زرداري ۽ بروهي برادري جي جهيڙو جو ڪيس داخل، ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ ڊيڪا چوڪ لڳ 2 ڏينهن اڳ زرداري ۽ بروهي برادري ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو هو جهيڙي ۾ گوليون ۽ لٺيون هلڻ لڳڻ جي
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف علائقن مان 4 لاش هٿ، فائرنگ واقعن ۾ عورت سميت 2 ڄڻا قتل

منگهوپير ۾ بن مراد چوڪ جي ويجهو جهيڙي دوران فائرنگ ۾ شوڪت علي قتل ۽ هڪ شخص زخمي ٿيو

مغل ڪانٽو علائقي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ 25 ورهين جي عورت خديجا مارجي وئي

احسن آباد، نيو ڪراچي ۽ ڪريم آباد مان نامعلوم لاش هٿ، پوليس جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ فائرنگ ۾ عورت سميت 2 ڄڻا قتل ۽ ٻه زخمي ٿي پيا جڏهن ته لاش ملڻ سميت 4 لاش هٿ آيا وطهڪ جهڙي ۽ زخمي ٿي پيو منگهوپير
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2


ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو اجلاس جي صدارت ڪندي

سال (18) اربع 03 جون 2026ع 17 ذوالحج 1447هه صفحا 06 - ملهه 30 ويپيه شمارو (250)

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار خدا ڏنو سولنگي ولد لکاڏنو رهندڙ ڳوٺ محراب سولنگي هوسڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات ڦياڻي زال لکاڏنو تاريخ 10-06-2009 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 67،207،208 مان ايراضي حصي موجب ديهه آلٽي ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) خداڏنو سولنگي (پٽ) (2) محمد رمضان (پٽ) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جکرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي امداد علي شاهه ولد غلام حيدر شاهه درخواست ڏني آهي ته هن جي ماءُ نالي مسمات آسيت زال غلام حيدر شاهه جيڪا فوت ٿي ويل آهي فوتڻ کي ديهه سروڙو ٽپو سروڙو تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 502_310 ۽ ٻين ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ديهه سروڙو ٽپو سروڙو تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتڻ جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتڻ نالي مسمات آسيت زال غلام حيدر شاهه جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 غلام حسين شاهه پٽ فوتڻ جو 2 قربان علي شاهه پٽ فوتڻ جو 3 علي ڏنو شاهه پٽ فوتڻ جو 4 نور محمد شاهه پٽ فوتڻ جو 5 امداد علي شاهه پٽ فوتڻ جو 6 سڪندر علي شاهه پٽ فوتڻ جو 7 غلام فاطمه ڌيءُ فوتڻ جي 8 زيب النساء ڌيءُ فوتڻ جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي علي اڪبر ولد ساڃن گهراڻو درخواست ڏني آهي ته هن جي ماءُ نالي مسمات حليمان ڌيءُ محمد صديق زال ساڃن گهراڻو جيڪا فوت ٿي ويل آهي فوتڻ کي ديهه نريڙي ٽپو ڀهڻجي تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 84_85 ۽ ٻين ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ نور محمد گهراڻو تعلقي بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتڻ جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتڻ نالي مسمات حليمان ڌيءُ محمد صديق زال ساڃن گهراڻو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي اڪبر پٽ فوتڻ جو 2 مسمات سڪينا ڌيءُ فوتڻ جي 3 حميرا ڌيءُ فوتڻ جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته آئون هڪ عدد پلاٽ نمبر A-14/2 ايراضي 100 اسڪوائر يارڊ جيڪو واقع روينيو ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي فيز 2 قاسم آباد حيدرآباد نالي ماجد احمد صديقي ولد سراج الدين صديقي شناختي ڪارڊ نمبر 4130315151395 رهندڙ گهر نمبر 483-C محلو قاسم آباد سنڌ کان خريد ڪري رهيو آهيان ان بابت اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر سيڪريٽري روينيو ايمپلائيز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي شهباز بلڊنگ حيدرآباد جي آفيس ۾ روبرو حاضر ٿي ثبوتن سميت اعتراض پيش ڪري مدو گذرڻ کانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو

عبدالرحيم ولد محبوب علي چانڊيو
شناختي ڪارڊ نمبر 4320293243443
موبائل نمبر 03332609953

ايڊريس جي تبديلي

هرعام وخاص کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته منهنجي ڪمپني جيڪا (PEC) ۾ رجسٽرڊ آهي (C6/82998) ميسرز بخت علي ايڊريس Village Madd Aleem, Mahesar Tapal Ghar Bakhari Taluka Kandiaro جنهن کي تبديل ڪري هن ريٽ پڙهيو وڃي Flat No. 07 Mohallah Hamza Palace, Second Floor Qasimabad Hyderabad.

بخت علي ولد بخشل شناختي ڪارڊ نمبر
4530281329539

لاتعلقي جو اظهار

هرعام وخاص کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته منهنجي ڌيءُ نالي شهنيلا ۽ پٽ نالي شهزادعلي عرف تنيو جيڪي منهنجي ٻهرين گهرواري مان اولاد آهن جيڪي گهر نمبر 228 بلاڪ ڪالوني حيدرآباد ۾ رهندڙ آهن منهنجي ريٽائرمينٽ سال 2020 کان وٺي منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اڪثر گهر ۾ جهيڙا فساد ڪندا رهن ٿا ۽ وقتن به وقتن بي بنياد الزامات لڳائي بليڪ ميل ڪندا رهن ٿا. جنهن سبب آئون ڪين پنهنجي ملڪيت مان اڄ تاريخ 02-06-2026 کان لاتعلق ڪيان ٿو اڄ کانپوءِ انهن ٻنهي جو منهنجي ملڪيت سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه رهندو نه منهنجي حياتي ۾ نه منهنجي وفات کانپوءِ منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

انور علي سهتو ولد محمود سهتو حال رهندڙ بنگلو نمبر 11 الرحيم ٽاور نزد گلستان سجاد قاسم آباد حيدرآباد

بقايا 1 "روزاني عبرت"

فنڊ ۽ ڪراچي لاءِ 11.198 ارب رپين جا وڏا انفراسٽرڪچر منصوبا شامل آهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ صوبائي وزيرن صلاحڪارن خصوصي معاونن چيف سيڪريٽري ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي وزير لوڪل گورنمينٽ سيد ناصر شاهه پاران پيش ڪيل فنانس بابت ڪابينا ڪميٽي جي سفارشن تحت ڪابينه مالي سال 2025-26 لاءِ پاڻي جي فراهمي ۽ نڪاسي جي شعبي ۾ سالياني ترقياتي پروگرام جي 16 اسڪيمن لاءِ 8.824 ارب رپين جي اضافي فنڊن جي منظوري ڏني هن رقم مان 6.206 ارب رپيا اي ڊي پي بلاڪ الوڪيشن مان بيهر رکيا ويندا جڏهن ته 2.618 ارب رپيا بئي ترقياتي الوڪيشن مان ايندا. وڏي وزير لاڳاپيل انتظامي شعبن کي هدايت ڪئي ته هو ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته سمورين اداڻگيون موجوده مالي سال جي اندر ضروري قانوني تقاضائون پوريون ڪرڻ کانپوءِ ڪيون وڃن هڪ ٻئي وڏي فيصلي ۾ ڪابينا ڪراچي ميگا پروجيڪٽ تحت 11 غير اي ڊي پي انفراسٽرڪچر اسڪيمن جي منظوري ڏني جن کي اي ڊي پي 2025 - 26 جي ٽيون ترقياتي ڪوششن الوڪيشن ذريعي مالياتي مدد ڏني ويندي انهن منصوبن جي مجموعي تخميني لاڳت 11.198 ارب رپيا آهي انهن اسڪيمن ۾ ڪراچي جي اهم روڊن ۽ ٽرانسپورٽ ڪوريڊورز جي بهتري ۽ بحالي شامل آهي جهڙوڪ حاجي ابراهيم عيسي روڊ، حاجي ڪيمپ روڊ، ڪورنگي لنڪ روڊ، ميرين ڊرائيو کي گنڍيندڙ ڪلفٽن جا روڊ، اسڪيم 33- ۾ مهراڻ ۽ پاچيرو روڊ، ڪورنگي ڪريڪ ائيريس روڊ، گلزار هجري ۾ جناح اوينيو جي توسيع ۽ بالديا اسٽيڊيم روڊ پروجيڪٽ جيڪو شاهراهه اورنگي کي حب ريور روڊ سان ڳنڍيو ٿو ڪابينا ٽرئفڪ جي رواني ۽ شهري رابطي کي بهتر بڻائڻ لاءِ اتر ڪراچي ۾ پاور هائوس چورنگي ۽ سرجاني ٽائون ۾ 4-ڪي چورنگي تي ٻن وڏن پلن جي تعمير جي پڻ منظوري ڏني انهن اسڪيمن کي شروع ڪرڻ لاءِ ڪابينا موجوده مالي سال دوران اي ڊي پي مان 560 ملين رپيا - جيڪي ڪل تخميني لاڳت جو لڳ ڀڳ پنج سيڪڙو آهن - منظور ڪيا بئي پاسي ڪابينا 485 ملين رپين جي لاڳت سان درگاهه قلندر لعل شهباز لعل باغ ۽ سول سينٽر سيوهڻ جي بحالي ۽ اپ گريڊنگ جي عنوان سان هڪ غير اي ڊي پي اسڪيم جي منظوري ڏني هن منصوبي جو مقصد حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار ۽ ان سان لڳل عوامي جڳهن جي چوڌاري سهولتن ۽ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ آهي موجوده مالي سال لاءِ 24.25 ملين رپين جي شروعاتي الوڪيشن جيڪا منصوبي جي لاڳت جي پنج سيڪڙو جي برابر آهي منظور ڪئي وئي آهي مراد علي شاهه شهري انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ عوامي خدمتن کي وڌائڻ ۽ عوامي فنڊن جي شفاف استعمال کي يقيني بڻائڻ لاءِ صوبائي حڪومت جي عزم کي ورجايو ڪابينا صوبي جي آئيني طور تي لازمي 12.5 سيڪڙو قدرتي گئس جي رائلٽي مڪمل

طور تي نقدي جي بجاءِ فيلڊ-ٽو-فيلڊ جي بنياد تي جنسي صورت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ نئين فريم ورڪ جي شروعات جي پڻ منظوري ڏني هي تجويز جيڪا آئين جي آرٽيڪل 161(1)(a)، پيٽروليم ايڪٽ 1949، ۽ لاڳو پيٽروليم ايڪسپلوريشن اينڊ پروڊڪشن پاليسيز اينڊ رولز سان مطابقت رکي ٿي هڪ هائبرڊ ماڊل جو تصور پيش ڪري ٿي جنهن تحت چونڊيل گئس فيلڊز ان ڪائنڊ (جنسي) رائلٽي سسٽم ڏانهن منتقل ٿينديون جڏهن ته باقي فيلڊز لاءِ موجوده ڪيش ميڪانيزم جاري رهندو وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت کي اميد آهي ته هي بندوبست روينيو جي پيداوار کي وڌائيندو توانائي جي سيڪيورٽي کي بهتر بڻائيندو مقامي صنعت کي هٿي ڏيندو ۽ مارڪيٽ سان لاڳاپيل قيمتن تي رائلٽي گئس مان مالي فائدو حاصل ڪرڻ کي ممڪن بڻائيندو ڪابينا ۾ پيش ڪيل ڪاڳر مان معلوم ٿئي ٿو ته نئون ميڪانيزم سنڌ لاءِ گئس جي وسيلن جي بهتر قيمت جي وصولي ذريعي 26 ارب رپين کان وڌيڪ جو اضافي سالياني مالي فائدو پيدا ڪري سگهي ٿو وڏي وزيرانرجي سيڪريٽري جي سربراهي ۾ هڪ انٽر-ڊيپارٽمينٽل ڪميٽي جوڙڻ جي منظوري ڏني ته جيئن رائلٽي گئس جي ايگريگيشن الوڪيشن ڪمرشلائيزيشن نيڪالي ۽ مونيٽائيزيشن لاءِ هڪ جامع پاليسي فريم ورڪ تيار ڪيو وڃي ڪميٽي کي 30 ڏينهن اندر ڪابينه کي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجيون سفارشون فائنل ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو آهي سنڌ ڪابينا پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي بندوبست تحت مارچ 2016 کان آڪٽوبر 2021 تائين 111 آئوٽ سورس ڪيل هيلٿ ڪيئر سهولتن جن ۾ 105 رورل هيلٿ سينٽرز ۽ ڇهه تعلقو هيڊ ڪوارٽر اسپتالون شامل آهن جي انتظام مان پيدا ٿيندڙ بقايا واجبات جي حل ڪرڻ لاءِ انٽيگريٽيڊ هيلٿ سروسز کي 395.019 ملين رپيا جاري ڪرڻ جي پڻ منظوري ڏني اهو فيصلو باقي رهيل لائيبلٽي ڪليم جي جاچ لاءِ جوڙيل ڪميٽي جي سفارشن کانپوءِ ڪيو ويو آهي تفصيلي جاچ کان پوءِ ڪميٽي قابل قبول واجبات جو اندازو 395.019 ملين رپيا لڳايو جنهن ۾ 11 غير تصديق ٿيل ملازمن سان لاڳاپيل 3.264 ملين رپيا ڪٽيا ويا. ڪابينا کي آگاهي ڏني وئي ته نومبر 2024 ۾ ڪابينا جي منظوري کانپوءِ 425.713 ملين رپيا اڳ ۾ ئي جاري ڪيا ويا هئا تازي منظوري سان آءِ ايچ ايس جو باقي رهيل تصديق ٿيل لائيبلٽي ڪليم حل ٿي ويندو سي ايم آءِ ايچ ايس کي هدايت ڪئي ته هو تصديق ۽ رڪارڊ جي مقصدن لاءِ ڊائريڪٽر جنرل آڊٽ کي جاري ڪيل ۽ موجوده واجبات جا مڪمل رڪارڊ پيش ڪري صحت جي شعبي ۾ ڪابينا سنڌ نرسنگ ورڪ فورس اسٽريٽجڪ پاليسي 2026—2040 جي منظوري ڏني - جيڪو وڌندڙ هيلٿ ڪيئر مطالبن، آبادي جي واڌ، ابڀرندڙ بيمارين ۽ صحت جي خدمتن جي توسيع جي نظر ۾ صوبي جي نرسنگ ورڪ فورس کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ طويل المدتي فريم ورڪ آهي پاليسي جو مقصد ورڪ فورس جي ڪوٽ، فيڪلٽي جي خال نرسن جي اڻبرابر ورهاست انفراسٽرڪچر جي خامين ۽ گورننس جي مسئلن کي حل ڪرڻ آهي معياري داخلا بهتر ڪلينيڪل ٽريننگ، فيڪلٽي جي ترقي واضح ڪيريئر پروگريشن رستن، لائسنسنگ جي سڌارن ۽ جديد ۽ اڏوانسڊ نرسنگ اسٽريمز جي تخليق لاءِ قدمن جو نقشو پيش ڪري ٿي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل ڪابينا کي ٻڌايو ته سنڌ ۾ هن وقت 34,817 رجسٽرڊ نرسون مڊوائفون ۽ ليڊي هيلٿ وزيٽرز آهن جن ۾ لڳ ڀڳ 23000 نرسون شامل آهن جنهن ۾ نرسن جو انگ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (WHO) جي 3.33 جي بينچ مارڪ جي مقابلي ۾ صرف 0.63 في 1,000 آبادي آهي هي پاليسي جديد نرسنگ ڪاليجن سميوليشن ليبارٽرين اسٽوڊنٽ هاسٽلن نرسنگ ورڪ فورس انفارميشن سسٽم ۽ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ مضبوط رابطي کي قائم ڪرڻ جو تصور پڻ ڏئي ٿي ان جو مرحليوار نفاذ داخلا ۽ نصاب ۾ فوري سڌارن کان وٺي انفراسٽرڪچر ۽ ورڪ فورس جي توسيع ۽ طويل المدتي سيڙپڪاري تائين هوندو وڏي وزير چيو ته هن ڪوشش سان قابليت رکندڙ نرسن جي پيداوار ۾ واڌارو هيلٿ ڪيئر سروس جي ترسيل ۾ بهتري، ورڪ فورس جي پلاننگ مضبوط ٿيڻ ۽ سڄي سنڌ ۾ مريضن جي سارسنڀال جي مجموعي معيار کي بهتر بڻائڻ جي اميد آهي بدلجندڙ سيڪيورٽي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، ڪابينه ڪائونٽر ٽيرازم ڊيپارٽمينٽ لاءِ 857.024 ملين رپين جي نظرثاني ٿيل خريداري پلان جي منظوري ڏني ڪابينا سي ٽي ڊي جي آپريشنل صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ گهربل خصوصي سامان ۽ خدمتن جي خريداري لاءِ نيشنل ريڊيو اينڊ ٽيلي ڪميونيڪيشن ڪارپوريشن سان سڌي طرح معاهدو ڪرڻ جي اجازت ڏني ڪابينا سمو ڳوٺ مان گذرندڙ شاهراهه پٽو جي 4.5 ڪلوميٽر اوچي (ايليويٽيڊ) حصي تي لائيٽ پولز ۽ سولر پاورڊ اسٽريٽ لائيٽنگ جي انسٽاليشن لاءِ 171.205 ملين رپين جي منظوري ڏني اهو جيڪو انڊيپينڊنٽ انجنيئر ۽ انڊيپينڊنٽ آڊيٽر پاران تصديق ٿيل آهي وائيبلٽي گيپ فنڊ ذريعي مالياتي مدد حاصل ڪندو ڪابينا پي پي پي پاليسي بورڊ جي ان فيصلي جي پڻ توثيق ڪئي. ڪابينا ريٽائرڊ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محترمه راشده صديقي جي قانون واري کاتي ۾ ٽن سالن جي مدت لاءِ صلاحڪار طور تقرري جي توثيق ڪئي ان سان گڏ بيرسٽر سيد غلام شبير شاهه جي پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ طور تقرري جي پڻ منظوري ڏني وئي اعليٰ تعليم جي شعبي ۾، ڪابينه حبيب يونيورسٽي ايڪٽ 2012 ۾ ترميمن جي منظوري ڏني جنهن جو مقصد ادارتي گورننس کي مضبوط ڪرڻ ۽ يونيورسٽي جي تعليمي ڍانچي کي بين الاقوامي معيارن سان هم آهنگ ڪرڻ آهي ڪابينا فاطميه انٽرنيشنل يونيورسٽي ڪراچي جي ڊرافٽ چارٽر جي پڻ منظوري ڏني جنهن سان فاطميه هائر ايجوڪيشن سسٽم تحت هڪ نئين پرائيويٽ سيڪٽر يونيورسٽي جي قيام جو رستو هموار ٿيو آهي تجويز ڪيل اداري جو مقصد معياري اعليٰ تعليم مهيا ڪرڻ تحقيق ۽ جدت کي هٿي ڏيڻ ۽ مختلف شعبن ۾ پروفيشنل ۽ اڪيڊمڪ عاليشان معيار کي فروغ ڏيڻ آهي

بقايا 2 "روزاني عبرت"

استحڪام ۽ ترقي جي خلاف هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو اگاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم بلوچستان جي مختلف ضلعن ۾ ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانه صلاحيتن ۽ بهادري کي ساراهيو هن پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الهندستان جي 17 دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي شاباس ڏيندي چيو ته قوم پنهنجي بهادر فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي قربانين ۽ خدمتن کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون ڪاميابيون پوري قوم جي عزم ۽ اتحاد جي عڪاس آهن هن چيو ته پارٽي سرپرستي ۾ سرگرم دهشتگرد عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي هر قيمت تي ناڪام بڻايو ويندو وزيراعظم واضح ڪيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردي جي خاتمي جون ڪارروايون جاري رهنديون دهشتگردي جي لعنت جي مڪمل خاتمي جي لاءِ حڪومت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏ بيٺل آهي ملڪ ۾ امن استحڪام ۽ ترقي جي لاءِ هر سازش کي ناڪام بڻايو ويندو

بقايا 3 "روزاني عبرت"

شرطن سبب ترقياتي بجيٽ سب کان وڌيڪ متاثر ٿي آهي ڇاڪاڻ ته ترقياتي ڪمن لاءِ رکيل هڪ هزار ارب رپين مان هيٺئر تائين رڳو 528 ارب رپيا ئي خرچ ڪري سگهيا آهن احسن اقبال جي صدارت هيٺ سومر ڏينهن سالياني رٿابندي هم آهنگي ڪميٽي جي اوور پيش ڪيل ڪم ڪندڙ دستاويز موجب، حڪومت سرڪاري شعبي جي ترقياتي پروگرام لاءِ هڪ هزار ارب رپيا رکيا هئا، جن سان وزارتن ۽ انتظامي ادارن جولاءِ 2025 کان 25 مئي 2026 تائين 528 ارب رپيا خرچ ڪيا. سالياني رٿابندي هم آهنگي ڪميٽي جي گڏجاڻي کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو ته پاڪستان ۾ ترقياتي رٿائن لاءِ ناڪي لڳاتار گهٽجندڙ اچي رهي آهي سيڙپڪاري گڏيل قومي پيداوار جي 2.6 سيڪڙو رهجي ويو آهي هن چيو ته پنج هزار ارب رپين جي رٿائن جا پي سي ون تيار ٿي رهيا آهن. جڏهن ته انهن رٿائن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڏهه هزار ارب رپين جي گهرج آهي سنڌس چوڻ هو ته مالي سال 2018 کان پوءِ ترقياتي رٿائن لاءِ وسيلا لڳاتار گهٽجندا رهيا آهن جڏهن

بثي ڪارروائي ۾ اقبال شهيد ڪول پلازه اٽڪ ويجهو مسافر جي قبضي مان 1.2 ڪلو گرام چرس هٿ ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي انهن ڪارروائين جو منشيات جي روڪٿام ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري جاچ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي

بقايا 37 "روزاني عبرت"

پاڪستان جي سفير رحيم حيات قريشي اڳاري ڏينهن ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس موجب نائب وزيراعظم يورپي يونين جي اعليٰ نمائنده نائب صدر جي پاڪستان جي تازي دوري جي مثبت نتيجن کي نظر ۾ رکندي سفير کي هدايت ڪئي ته هو ان دوري دوران طئي ٿيندڙ مفاهمتن تي عملدرآمد جي پيروي جاري رکي ۽ يورپي يونين سان تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ ڪوششون تيز ڪري جنهن ۾ واپار سيڙپڪاري، تعليم ۽ عوامي سطح تي رابطن جهڙن اهم شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ شامل آهي

بقايا 38 "روزاني عبرت"

ايڪسچينج جو دورو ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي ايس ايس پي سٽي ۽ ٻيا سينيئر آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا پوليس چيف کي سيڪيورٽي صورتحال ۽ حفاظتي قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي جڏهن ته هن ڊيوٽي تي مقرر اهلڪارن سان ملاقات ڪري سنڌڻ

ڪيو. درخواست موجب گاڏي ڇڏائڻ لاءِ ٻه 5 لک رپيا طلب ڪيا ويا، جڏهن ته ڊي ايچ اي ويجلنس کي گاڏيون ضبط ڪرڻ شهرين کي روڪڻ يا جرمانو لاڳو ڪرڻ جو قانوني اختيار حاصل ناهي، اهي اختيار صرف پوليس وٽ آهن. درخواست ۾ ويجلنس عملدارن تي ڀتو خوري، غيرقانوني حراست ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام پڻ هنيا ويا آهن. عدالت فريقي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي جواب پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 25 "روزاني عبرت"

ٿاڻي جي حد منگهوپير همدرد يونيورسٽي بن مراد چوڪ جي ويجهو جهيڙي جي دوران فائرنگ جي دوران 45 سالن جو شوڪت علي پٽ در محمد قتل ٿي ويو ۽ محمد عارف ولد عبدالرشيد زخمي ٿي پيو آهي

بقايا 26 "روزاني عبرت"

ڪاٺيو، مستونگ، نوشڪي، ژهري، خضدار ۽ ڪيچ جي ضلعن ۾ ڪيا. آءِ ايس پي آر موجب، دهشتگردن جي مارجڻ سان انهن علائقن ۾ دهشتگرد نيٽ ورڪ کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي آءِ ايس پي آر موجب، مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار، وڏي مقدار ۾ بارودي مواد ۽ آءِ اي ڊيز هٿ ڪيون ويون آهن آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته دهشتگرد علائقي ۾ ڪيترن ئي مختلف واقعن ۾ ملوث هئا، هن

امتياز ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ عوام کي تحفظ جو احساس ڏياريو وڃي.هوڏانهن جماعت اسلامي سنڌ جي امير شيخ زيد ڪالوني ٿاڻي وليد جي حدن ۾ موجود جماعت اسلامي جي مقامي امير جي ڪرياڻ اسٽور ۾ ڪاٽ هڻي لکين رپين جي روڪ رقم ۽ سامان جي چوري ۽ ڦرلٽ واري واقعي جي سخت مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان ۽ رقم برآمد ڪئي وڃي. بدامني جي لڳاتار وڌندڙ واقعن سبب شهري سخت عدم تحفظ جو شڪار آهن. جڏهن ته متاثر ماڻهن جي ڪير به داد رسي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته پوليس جي غير مناسب رويي ۽ ڪمزور جاچ نظام سبب عوام جو اعتماد قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ انصاف جي نظام تان ختم ٿيندو پيو وڃي. حڪومت ۽ پوليس اختيارين کي گهرجي ته هو عوامي شڪايتن جو فوري ازالو متاثر ماڻهن کي انصاف فراهم ڪرڻ ۽ صوبي ۾ امن امان جي بحالي لاءِ هنگامي بنيادن تي عملي قدم کڻن.

بقايا 19 "روزاني عبرت"

آهي جنهن دوران وفاقي ترقياتي بجيٽ ۾ سنڌ کي هڪ ڀيرو ٻيهر نظرانداز ڪرڻ تي سخت احتجاج ڪيو ويو اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ سنڌ جي آبپاشي ۽ ترقيات واري وزير جام خان شورو وفاقي رويي تي سخت برهمي ظاهر ڪندي وفاق پاران پيش ڪيل

شاهه چيو ته پاڪستان ۽ چين جي لازوال دوستي هر آزمائش ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي آهي ۽ سنڌ حڪومت چيني سيڙپڪاري ۽ گڏيل ترقياتي منصوبن جو ڀرپور آجيان ڪري ٿي ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن اقتصادي تعاون ۽ مستقبل جي شراڪتداري تي به تفصيلي خيال ونڊيا ويا. ان موقعي تي چيني قونصل جنرل يانگ يونڊونگ چيو ته سنڌ ۾ رهائش دوران ملندڙ محبت، سهڪار ۽ مهمان نوازي هميشه ياد رهندي. ملاقات جي پڄاڻي تي وڏي وزير چيني قونصل جنرل کي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي جا تحفا پڻ پيش ڪيا.

بقايا 14 "روزاني عبرت"

مقابلي ۽ ڪارروائين ۾ هڪ ڌوهاري مارجي ويو جڏهن ته ٽن ٻين زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا پوليس موجب عوامي ڪالوني ٿاڻي جي حد تاج گبول ڳوٺ ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران هڪ ملزم زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سنڌس سڃاڻپ سمير جي نالي سان ٿي پوليس مطابق ملزم جي قبضي مان هٿيار پڻ برآمد ڪيا ويا ۾ هو علاج دوران زخمن جا سور برداشت نه ڪري سگهيو ۽ فوت ٿي ويو هئي طرف نارٿ ڪراچي ۾ شهرين ڦرلٽ جي ڪوشش ناڪام بڻائيندي ٻن مبينا ڌوهارين کي پڪڙي ورتو پوليس موجب ٻنهي ملزمان سيڪٽر 8 ۾ موٽرسائيڪل سوار شهري کان واردات جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران

آفيس آف دي مختيارڪار تعلق بدين

نمبر روانگي: 2026 / 536 — مورخ 30-4-2026

نوٽيس عام اطلاع

جيئن تہ سنڌ صوبي جي حقن جي رڪارڊ جي آخري پيرو تصحيح ۽ تصديق 1985_86 دوران سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي ۽ ان کان پوءِ ڪابہ سرڪاري نہ ڪئي وئي آهي، تنهن ڪري يقيني بڻائڻ لاءِ رڪارڊ جي درستگي برقرار رکڻ حقن جو رڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي ڊجيٽل ڪرڻ جي مقصد سان بورڊ آف رونيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي جي زمين جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (ٻيهر لکڻ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جي شروعات ضلعي بدين تعلقي بدين ۾ ڪئي پئي وڃي.

1. اهڙي طرح بورڊ آف رونيو سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ بڻائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽرائيز ڪرڻ لاءِ هڪ خاص نظرثاني (اپڊيٽ ڪرڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي وئي آهي.
2. تنهنڪري سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن کي استعمال ڪندي بورڊ آف رونيو سنڌ حيدرآباد مورخہ 12-02-2026 نمبر 1_Rev حڪم نمبر /Misc /R.W/BOR/2026/36/11 موجب حڪم ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي تہ تعلقي بدين جي ديهن جي حقن جي رڪارڊ جي خاص نظرثاني تصديق ۽ تصحيح ڪئي وڃي ٿي.
3. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح لاءِ رڪارڊ سنڌ لينڊ رونيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11)، (12) ۽ (13) جي تحت مقرر ڪيل طريقيڪار جي فريم ورڪ لاڳو ڪيو پيو وڃي، جنهن تحت لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز کان درست طور تي تصديق حاصل ٿيندي.
4. تنهنڪري عام اطلاع ڏنو وڃي ٿو هيٺ ديهہ مرزاپور تپو مرزاپور ۽ ديهہ پٽياري ديهہ پنو تعلقہ بدين ضلع بدين جي ڪاتيدارن جا نالا سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي ڏجي ٿي ڪنهن بہ ملڪيت، سروي نمبر ايراضي يا بي ڪنهن ڳالهہ تي اعتراض هجي تہ مختيارڪار آفيس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقہ بدين جي آفيس ۾ 15 ڏينهن اندر اعتراض داخل ڪرائڻ. بي صورت ۾ مٿي ڄاڻايل رڪارڊ واسطيدارن جي نالي سان اپڊيٽ ڪيو ويندو.

حقن جو رڪارڊ ۽ ڦيرڦار جو رجسٽر الف ديهہ پٽياري تپہ پنون تعلقہ بدين ضلع بدين

سيريل نمبر	اڳوڻي داخلا نمبر دف ست ب. الف. دخ	نالو ڪاتيدار جو	حصو	حقن جو قسم	سروي نمبر	ايراضي	ريمارڪس
01	ستون ب جريان نمبر 214 مورخہ 23-02-2026 موجب	1. محمد امين ولد بدو خاصخيلي 2. گڏي ڌيءِ بدو خاصخيلي زال ولي محمد 44103.0309060.6 3. رشيدان ڌيءِ بدو خاصخيلي زال سڪندر علي 41101.9514398.0 4. نيمان ڌيءِ بدو خاصخيلي زال عطاالله 41102.552103 5. شبانہ ڌيءِ فوتي بدو خاصخيلي زال منور 41101.9514493.0 6. پوڙهي زال بدو خاصخيلي صغير عبدالقدير ولد صديق خاصخيلي صغير محمد عمر ولد محمد افضل خاصخيلي صغير اعجاز ولد عبدالغفور خاصخيلي محمد جمن ولد بڄايو خاصخيلي محمد ولد بڄايو خاصخيلي فوتي فتح محمد ولد بڄايو خاصخيلي مومل ڌيءِ بڄايو زال رمضان خاصخيلي 41101.0220746.6 صغير حامد ولد بڄايو خاصخيلي مسمات ڪتي زال بڄايو خاصخيلي	0-4 21/33 0-2 21/66 0-2 21/66 0-2 21/66 0-2 21/66 0-02 0-6 9/10 0-6 9/10 0-6 9/10 0-9 1/110 0-9 1/110 0-15 10/11 0-7 21/22 0-15 10/11 0-5 3/5 1-00	ورثي طور فوتي بدو جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا. رجسٽرڊ دستاويز رجسٽرڊ نمبر 915 مورخہ 24.4.2018 موجب پئسن اندازن 525000 اڪرين پنج لک پنجويهہ هزار رپين ۾ خريد ڪئي ورثي طور فوتي بڄايو خاصخيلي ولد عمر جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	87 93 بہ نمبر	6-08 8-14 14-22	
02	ستون ب جريان نمبر 213 مورخہ 12.02.2026 موجب ستون ب جريان نمبر 194 مورخہ 20.4.2025 موجب ستون ب جريان نمبر 09 مورخہ 29.03.2011 موجب ستون ب جريان نمبر 2011 مورخہ 22.01.2026 موجب	افتخار علي ولد محمد ظفر 41105.3705644.3 حاجي ولد سومرو لاشاري 41101.4836460.9 صغير عبدالوهاب ولد محمد عالم لاشاري خالده زال نور مصطفيٰ نظاماڻي مائي حول زال محمد خان فرزانہ زال عبدالله مائي شمير زال عاشق علي طارقہ زال رينواز رينواز ولد علي نواز	0-28 ½ 0-08 0-6 ½ 0-5 7/10 0-11 2/5 0-11 2/5 0-11 2/5 0-5 7/10 0-11 2/5 1-00	رجسٽرڊ دستاويز BDNH-BOOK 1-2509 مورخہ 12.02.2025 موجب پئسن اندازن 260000 اڪرين بہ لک سٺ هزار رپين ۾ خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 356 رجسٽريشن نمبر 356 مورخہ 21.2.2024 موجب پئسن اندازن 100000 اڪرين هڪ لک رپين ۾ خريد ڪئي جنسي رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 1031 رجسٽرڊ نمبر 1037 مورخہ 4.8.2010 موجب خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز جريان ۽ رجسٽرڊ نمبر 1283 مورخہ 30.5.2025 موجب خريد ڪئي	23/3AB 23/3BP 23/3D 23/4B 23/4CD (5)بلاڪ	0-20 0-20 01-00 01-00 0-20 3-20 اڪرين تي ايڪڙ ويهہ گهنٽا فقط	
03	ستون ب جريان نمبر 212 مورخہ 11.02.2026 موجب ستون ب جريان نمبر 200 مورخہ 18.6.2026 موجب	جمعہ خان ولد سلطان احمد علي شير ولد سلطان احمد شڪيل احمد ولد سلطان احمد سهيل احمد ولد سلطان احمد رابيہ ڌيءِ سلطان احمد روبينہ ڌيءِ سلطان احمد زرينهہ ڌيءِ سلطان احمد راڻي ڌيءِ سلطان احمد فاطمہ زال سلطان احمد فيروز احمد ولد خميسو لاشاري شبانہ ڌيءِ خميسو لاشاري بابرا شريف ڌيءِ خميسو لاشاري زينب ڌيءِ خميسو لاشاري فرزانہ ڌيءِ خميسو لاشاري	0-2 2/3 0-2 2/3 0-2 2/3 0-2 2/3 0-1 5/6 0-1 5/6 0-1 5/6 0-1 5/6 0-03 0-25 0-12 ½ 0-12 ½ 0-12 ½ 0-12 ½ 1-00	ورثي طور فوتي سلطان احمد ولد خميسو لاشاري جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا. پارٽيشن ڪئي وئي	177 مان 6-10 154 178	0-09 6-25 2-32 09-26	
04	ستون ب جريان نمبر 209 مورخہ 30.12.2025 موجب	عبدالشڪور ولد محمد نواز ميمڻ سومار ولد اسماعيل ملاح	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان ۽ رجسٽرڊ نمبر 2084 مورخہ 17.10.2025 موجب خريد ڪئي	177 مان 6-10	2-16 2/5	
05	ستون ب جريان نمبر 211 مورخہ 22.01.2006 موجب	خالده زال نور مصطفيٰ نظاماڻي مائي حول زال محمد خان فرزانہ زال عبدالله مائي شمير زال عاشق علي طارقہ زال رينواز رينواز ولد علي نواز	0-10 0-20 0-20 0-20 0-10 0-20 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان ۽ رجسٽرڊ نمبر 1283 مورخہ 30.5.2025 موجب خريد ڪئي.	07 08 10 11 12 15	5-12 7-38 7-34 6-21 5-09 7-13 40-07	
06	ستون ب جريان نمبر 211 مورخہ 22.01.2006 موجب ستون ب جريان نمبر 234 مورخہ 23.06.2007 موجب ستون ب جريان نمبر 51 مورخہ 6.9.2013 موجب	خالده زال نور مصطفيٰ نظاماڻي مائي حول زال محمد خان فرزانہ زال عبدالله مائي شمير زال عاشق علي طارقہ زال رينواز رينواز ولد علي نواز صغير ابوبڪر ولد عالم خان علي محمد ولد فيض محمد ٿيبو	0-7 1/20 0-14 1/10 0-14 1/10 0-14 1/10 0-7 1/20 0-14 1/10 0-4 ¾ 0-24 ¾ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان ۽ رجسٽرڊ نمبر 1283 مورخہ 30.5.2025 موجب لائق محمد لاشاري کان خريد ڪئي. رجسٽرڊ دستاويز 8653 مورخہ 21.5.2007 موجب جلال کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز نمبر 31 مورخہ 6.01.2004 موجب سعيدان ۽ خيري کان خريد ڪئي	14	6-15	
07	ستون ب جريان نمبر 211 مورخہ 22.01.2006 موجب ستون ب جريان نمبر 234 مورخہ 23.06.2007 موجب	خالده زال نور مصطفيٰ نظاماڻي مائي حول زال محمد خان فرزانہ زال عبدالله مائي شمير زال عاشق علي طارقہ زال رينواز رينواز ولد علي نواز صغير ابوبڪر ولد عالم خان علي محمد ولد فيض محمد ٿيبو	0-2 3/20 0-4 3/10 0-4 3/10 0-4 3/10 0-2 3/20 0-4 3/10 0-54 ½ 0-24 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان ۽ رجسٽرڊ نمبر 1283 مورخہ 30.5.2025 موجب لائق محمد لاشاري کان خريد ڪئي. رجسٽرڊ دستاويز 8653 مورخہ 21.5.2007 موجب جلال کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز نمبر 31 مورخہ 6.01.2004 موجب سعيدان ۽ خيري کان خريد ڪئي	13	6-35	
08	ستون ب جريان نمبر 208 مورخہ 10.12.2025 موجب ستون ب جريان نمبر 207 مورخہ 10.12.2025 موجب ستون ب جريان نمبر 151 مورخہ 25.01.2022 موجب	پرويز علي ولد پير بخش مختيار ولد محمد لاشاري محمد ولد خميسو لاشاري پير بخش ولد خميسو گڏي ڌيءِ خميسو لاشاري آسيت ڌيءِ خميسو لاشاري زاهدان ڌيءِ خميسو لاشاري	0-12 ½ 0-11 1/6 0-22 1/8 0-22 1/8 0-11 1/16 0-11 1/16 0-11 1/16 1-00	رجسٽرڊ دستاويز رجسٽرڊ نمبر 206 مورخہ 23.12.2024 موجب پئسن اندازن 40000 هزار رپين ۾ خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز رجسٽرڊ نمبر 1505 مورخہ 28.01.2025 موجب پئسن اندازن 50000 هزار رپين ۾ خريد ڪئي	107	3-22	
09	ستون ب جريان نمبر 206 مورخہ 02.12.2025 موجب ستون ب جريان نمبر 01 مورخہ 20.12.2010 موجب	نياز احمد ولد محمد جمن ٽالپر محمد حسن پاءِ فوتي جلال سومرو پاءِ فوتي جلال سنگهار پيڻ فوتي جلال مريم پيڻ فوتي جلال	0-62 ½ 0-12 ½ 0-12 ½ 0-6 ¼ 0-6 ¼ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز رجسٽرڊ نمبر 887 مورخہ 30.4.2024 موجب پئسن اندازن 200000 بہ لک رپين ۾ خريد ڪئي	119 3-02	01-25	
10	ستون ب جريان نمبر 205 مورخہ 13.11.2025 موجب	خالد حسين ولد محمد حسن 41206.8007055.1	1-00	HBL.1261/2024 موجب گروي لاهڻ جي داخلا رکي وئي	42/1 TO 4	16-00	
11	ستون ب جريان نمبر 244 مورخہ 31.01.2008 موجب ستون ب جريان نمبر 200 مورخہ 29.9.2003 موجب	ڌرميندر ولد ويرومل لوهاڻو 41102.7803874.5 دليپ ڪمار ولد ويرومل	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1713 موجب خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 153 مورخہ 27.01.2003 موجب خريد ڪئي	78/1AB 49/1,4 52/2,3 77/1,2 51/3 51/2 مان 4-00 82/1 TO 4 105/1 105/2	0-31 8-00 8-00 8-00 4-00 2-00 16-00 2-00 2-00 50-31	
12	ستون ب جريان نمبر 84 مورخہ 30.3.2017 موجب	عنايت علي عرف بلاول خان ولد محمد عيسيٰ چانڊيو 41206.1202919.5 صغير ماجد حسين ولد خالد حسين محمد بخش ولد محمد عيسيٰ	0-34 0-18 0-48 1-00	جنسي رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 265 رجسٽرڊ نمبر 286 مورخہ 2.03.2017 موجب خريد ڪئي آهي	43/1,2, 19/3,4 19/1CD 19/2CD 41/1TO4 21/3 21/CD	12-00 6-00 2-00 2-00 16-00 4-00 2-00 44-00	
13	ستون ب جريان نمبر 82 مورخہ 30.3.2017 موجب	زاهد حسين ولد محمد حسن چانڊيو 41206.3187342.5	1-00	جنسي رجسٽرڊ دستاويز موجب خريد ڪئي	43/3 44/1,2 44/4	4-00 8-00 4-00 16-00	
14	ستون ب جريان نمبر 82 مورخہ 30.3.2017 موجب	نظير حسين ولد محمد حسن چانڊيو 41506.0340288.5	1-00	جنسي رجسٽرڊ دستاويز موجب خريد ڪئي	20/3,4 18/5,6	8-00 8-00 16-00	
15	ستون ب جريان نمبر 82 مورخہ 30.3.2017 موجب	عابد حسين ولد محمد حسن چانڊيو 41206.2186498.1	1-00	-	45/1,2 49/2	5-00 4-00 9-00	
16	ستون ب جريان نمبر 82 مورخہ 30.3.2017 موجب	عابد حسين ولد محمد حسن چانڊيو	1-00	-	48/1,3,4	9-36	
17	ستون ب جريان نمبر 202 مورخہ 21.7.2025 142 مورخہ 3.6.2021 179 مورخہ 13.3.2024	غلام قادر ولد عبدالله ملاح محمد قاسم ولد قاضي محمد ملاح محمد صديق ولد محمد قاسم ملاح	0-50 0-25 0-25 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1283 مورخہ 28.3.2025 موجب خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 419 مورخہ 3.2.2021 موجب خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 414 مورخہ 3.2.2021 موجب خريد ڪئي	104/5	1-00	
18	ستون ب جريان نمبر 187 مورخہ 8.1.2025	علي حسن ولد عارب ملاح نور محمد ولد شيرو ملاح	0-25 0-75 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1283 مورخہ 28.3.2025 موجب خريد ڪئي	115/1 115/2	4-00 4-00 8-00	
19	ستون ب جريان نمبر 187 مورخہ 8.1.2025 142 ستون ب مورخہ 3.6.2021	محمد ولد ناٿو ملاح حاجي ولد عبدالله ملاح غلام قادر ولد عبدالله ملاح محمد قاسم ولد قاضي محمد ملاح	0-20 0-17 ½ 0-12 ½ 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 419 مورخہ 3.2.2021 موجب خريد ڪئي	104/6	4-00	
20	142 مورخہ 3.6.2021	محمد قاسم ولد قاضي محمد ملاح	1-00		104/1CB	2-00	
21	ستون ب 147 مورخہ 9.11.2021	گل محمد ولد عارب ملاح نور محمد ولد شيرو ملاح علي ڏنو ولد حسين ملاح	0-25 0-33 ¾ 0-41 ¼ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 416 مورخہ 3.2.2021 موجب خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 417 مورخہ 3.2.2021 موجب خريد ڪئي	116/2BC	2-00	
22	ستون ب جريان نمبر 200 مورخہ 18.6.2025	فياض احمد ولد خميسو لاشاري	1-00	پارٽيشن ۾ مليل	177 مان 6-10	2-16 2/5	
23	ستون ب جريان نمبر 200 مورخہ 18.6.2025	مسمات رخسانہ ڌيءِ خميسو لاشاري 41204.3017396.4	1-00	پارٽيشن ۾ مليل	177 مان 6-10	01-08 2/10	

سيريل نمبر	اڳوڻي داخلا	نالو ڪاتيدار جو	حصو	حقن جو قسم	سروي نمبر	ايراضي	ريمارڪس
25	ستون ب جريان نمبر 198 مورخہ 25.5.2025 ستون ب جريان نمبر 171 مورخہ 9.8.2023 موجب	عبدالقيوم ولد الهڏتو خاصخيلي ميرمحمد ولد الهڏتو خاصخيلي رحمت ڌيءِ الهڏتو خاصخيلي نيامت ڌيءِ الهڏتو خاصخيلي سڪينہ ڌيءِ الهڏتو خاصخيلي آسيت ڌيءِ الهڏتو خاصخيلي نادر علي ولد عبدالقيوم مرادخاتون زال الهڏتو خاصخيلي	0-36 ½ 0-18 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-6 2/3 0-1 1/3 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 572 مورخہ 21.2.2025 موجب خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 421 مورخہ 22.2.2023 موجب سڪندر ولد غلام حسين ۽ ڀين کان خريد ڪئي فوتي ڪاٿہ بدل سنڌس ڌيءِ زيب النساء کان مليو	168	4-01	
26	ستون ب جريان نمبر 195 مورخہ 31.1.2025 موجب ستون ب جريان نمبر 171 مورخہ 1.8.2023 موجب	صاحب خان ولد صديق خاصخيلي نادر علي ولد عبدالقيوم خاصخيلي مرادخاتون زال الهڏتو عبدالقيوم ولد الهڏتو رحمت ڌيءِ الهڏتو ميرمحمد ولد الهڏتو خاصخيلي نيامت ڌيءِ الهڏتو خاصخيلي سڪينہ ڌيءِ الهڏتو خاصخيلي آسيت ڌيءِ الهڏتو خاصخيلي	0-28 9/10 0-6 2/3 0-1 1/3 0-7 3/5 0-9 ¼ 0-18 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 571 مورخہ 21.2.2025 موجب خريد ڪئي	61	6-37	
27	ستون ب جريان نمبر 192 مورخہ 3.3.2025	ابراهيم ولد عبدالغفور خاصخيلي عبدالغفور ولد محمد موسيٰ خاصخيلي	0-25 0-75 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 238 مورخہ 28.01.2025 موجب خريد ڪئي	75	4-29	
28	ستون ب جريان نمبر 189 مورخہ 10.2.2025 ع جريان نمبر 165 مورخہ 14.10.2022 موجب 167.168 مورخہ 30.5.2023 موجب 186.181 مورخہ 5.6.2024 موجب ۽ 49 مورخہ 26.8.2013	سڪندر ولد محمد عثمان سومرو صغير ممتاز ولد مبارڪ سومرو حسين ولد حاجي ملاح لونگ ولد رمضان ملاح شيراز احمد ولد نياز احمد ٽالپر ولي محمد ولد علي ملاح دلدار حسين ولد حاجي پيربخش	0-10 7/20 0-5 11/20 0-11 1/5 0-15 98/100 0-08 0-4 17/100 0-44 75/100 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1024 مورخہ 13.4.2023 موجب سائينڏنو کان خريد ڪئي رجسٽرڊ ستاويز 2983 مورخہ 21.2.2022 موجب سائينڏنو کان خريد ڪئي رجسٽرڊ ستاويز 2111 مورخہ 21.7.2022 موجب حڪيمان زال امير علي کان خريد ڪئي ورثي طور ڪريم ڏنو جي فوت ٿين ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	140	8-38	
29	ستون ب جريان نمبر 186 مورخہ 28.11.2024 182 مورخہ 6.8.2024 115 مورخہ 21.11.2019 186 مورخہ 20.7.2023	شيراز احمد ولد نياز احمد ٽالپر نياز احمد ولد پير بخش ٽالپر ولي محمد ولد علي محمد ملاح محمد جمن ولد حاجي ملاح محمد ولد محمد جمن ملاح ڪريم زال علي رضا ملاح نورمحمد ولد شيرو ملاح	0-13 ¼ 0-08 0-13 0-41 85/100 0-11 7/10 0-1 55/100 0-10 65/100 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 177 مورخہ 25.1.2024 موجب ڪنڌ ٻائي کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 206 مورخہ 4.3.2013 موجب ڪريم ڏنو کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 347 مورخہ 9.6.2023 ۽ 1856 ۽ 2111 مورخہ 21.7.2022 موجب خريد ڪئي	139	9-15	
30	ستون ب جريان نمبر 185 مورخہ 12.11.2024 ستون الف جريان نمبر 06 سال 1985.86	الله مهر ولد ننهي خان آرائين حاجي الهبخش ولد گهڻو لاشاري	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 2399 مورخہ 28.8.2023 موجب اسحاق کان خريد ڪئي	55 56	4-20 6-18 10-38	
31	ستون ب جريان نمبر 180 مورخہ 1.4.2024 موجب	طالب ولد ڏتي بخش لاشاري 41102.3398451.1	1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 2208 مورخہ 26.11.2018 موجب لائق ولد بلاول لاشاري کان خريد ڪئي	118	2-09	
32	ستون ب جريان 128 مورخہ 19.10.2020ء 159 مورخہ 6.6.2022ء 182 مورخہ 6.8.2024ء 181 مورخہ 5.6.2024 موجب	ولي محمد ولد علي محمد 41101.9780986.1 جنت زوجہ خير محمد ملاح 41101.6791891.2	0-89 89/100 0-11 11/100 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 303 موجب. رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 563 مورخہ 11.2.2021 موجب ڪنڌ ٻائي کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 2310 مورخہ 12.11.2020 موجب سائينڏنو کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 347 مورخہ 15.2.2022 موجب حڪيمان کان خريد ڪئي	136	9-00	
33	ستون ب جريان 179 مورخہ 13.3.2024	هاشم ولد قاضي محمد ملاح 41101.1366258.1	1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 414 مورخہ 3.2.2021 موجب تلسي داس کان خريد ڪئي	103/2CD	2-00	
34	ستون ب جريان نمبر 179 مورخہ 13.3.2024	مصري ولد قاضي ملاح محمد صديق ولد قاسم ملاح	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز نمبر 414 موجب تلسي داس کان خريد ڪئي	103/3BC	2-00	
35	ستون ب جريان نمبر 178 مورخہ 13.3.2024 ستون ب جريان نمبر 274 مورخہ 26.9.2008	هاشم ولد قاضي محمد ملاح محمد خان ولد امام بخش احمد ولد امام بخش عثمان ولد امام بخش حسين ولد امام بخش علي نواز ولد امام بخش يعقوب ولد امام بخش مسمات زينب ڌيءِ امام بخش مسمات آمنہ زال امام بخش	0-06 0-14 0-12 0-12 0-12 0-12 0-12 0-06 0-12 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 108 مورخہ 22.01.2021 موجب حاجران کان خريد ڪئي ورثي طور امام بخش جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا	101/2B 102/1AB 102/2 103/1CD 103/3AD 103/4 116/1AD	1-00 2-00 4-00 2-00 2-00 4-00 2-00 17-00	
36	ستون ب جريان 176 مورخہ 12.3.2024 ستون ب جريان نمبر 187 مورخہ 20.9.2004 موجب	بلقيس زوجہ حسين خاصخيلي 41101.5640336.8 محمد يحييٰ ولد علي محمد خاصخيلي دائود ولد علي محمد خاصخيلي	0-85 ½ 0-09 0-5 ½ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز نمبر 2625 مورخہ 8.9.2023 موجب عبدالله کان خريد ڪئي.	37/1C 37/2H 37/3C 38/1D 55/1AB 56/4BC 71/4AD 70/3A 97 98 100	1-00 1-00 1-00 0-20 2-00 2-00 2-00 1-00 6-05 3-37 4-35 25-17	
37	ستون ب جريان نمبر 174 مورخہ 16.11.2023	مهيش راج ڪمار ولد راج ڪمار 42301.8215013.1	1-00	رجسٽرڊ دستاويز رجسٽريشن نمبر 01 مورخہ 14.01.2016 موجب ڪلفٽن ڪراچي نمبر 30 موجب گيتاشاهاڻي کان خريد ڪئي	31 32 33 34 35 137 138	7-29 9-26 8-15 4-08 3-17 8-03 5-38 47-16	
38	ستون ب جريان نمبر 173 مورخہ 11.9.2023 موجب	مسمات ساجده زال محمدخان ٽالپر عبدالستار ولد محمد خان ٽالپر مسمات پاڳيري زال عبدالستار جبران ولد عبدالستار ٽالپر	0-12 ½ 0-25 0-12 ½ 0-50 1-00	ورثي طور محمد خان ولد عبدالستار جي فوت ٿيڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا. رجسٽرڊ دستاويز 1622 مورخہ 23.12.2003 موجب عبدالغفور کان خريد ڪئي	48 51	5-34 9-29 15-23	
39	ستون ب جريان نمبر 153 مورخہ 7.2.2022 ستون ب جريان نمبر 171 مورخہ 9.8.2023 ستون ب جريان نمبر 133.134 مورخہ 8.2.2021 ۽ ستون ب جريان نمبر 88 مورخہ 1.7.1997 موجب	مراد خاتون زال الهڏتو نادر علي ولد عبدالقيوم عبدالقيوم ولد الهڏتو ميرمحمد ولد الهڏتو اسماعيل ولد الهڏتو رحمت ڌيءِ الهڏتو نيامت ڌيءِ الهڏتو سڪينہ ڌيءِ الهڏتو آسيت ڌيءِ الهڏتو	0-0 2/3 0-3 1/3 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-54 ¾ 0-4 ½ 0-4 ½ 0-4 ½ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 421 مورخہ 22.2.2023 موجب خريد ڪئي الهڏتو جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا. رجسٽرڊ دستاويز 604 مورخہ 12.4.1997 موجب نعمان کان خريد ڪئي	96/2	4-00	
40	ستون ب جريان نمبر 171 مورخہ 9.8.2023 موجب ستون ب 152 مورخہ 3.2.2022 موجب ستون ب جريان نمبر 133.134 مورخہ 8.2.2021 موجب	نادر علي ولد عبدالقيوم اسماعيل ولد الهڏتو عبدالقيوم ولد الهڏتو ميرمحمد ولد الهڏتو رحمت ڌيءِ الهڏتو نيامت ڌيءِ الهڏتو سڪينہ ڌيءِ الهڏتو آسيت ڌيءِ الهڏتو مراد خاتون زال الهڏتو	0-22 2/3 0-2 ¼ 0-18 ¼ 0-18 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-1 1/3 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 421 ورخ 22.2.2023 وجب سڪندر ۽ ڀين کا خريد ڪئي ورثي طور الهڏتو جي مرڻ ڪري سنڌس جائز وارث ثابت ٿيا. ورثي طور زيب النساء جي مرڻ ڪري ماہ وارث ۾ آهي	169 170	1-25 1-26 3-11	
41	ستون ب جريان نمبر 171 مورخہ 9.8.2023 موجب ستون ب 152 مورخہ 3.2.2022 موجب ستون ب جريان نمبر 133.134 مورخہ 8.2.2021 موجب 153 مورخہ 7.2.2022	نادر علي ولد عبدالقيوم اسماعيل ولد الهڏتو عبدالقيوم ولد الهڏتو ميرمحمد ولد الهڏتو رحمت ڌيءِ الهڏتو نيامت ڌيءِ الهڏتو سڪينہ ڌيءِ الهڏتو آسيت ڌيءِ الهڏتو مراد خاتون زال الهڏتو	0-6 2/3 0-18 ¼ 0-18 ¼ 0-18 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-9 ¼ 0-1 1/3 1-00	رجسٽرڊ دستاويز جريان نمبر 421 ورخ 22.2.2023 وجب سڪندر ۽ ڀين کا خريد ڪئي ورثي طور الهڏتو جي مرڻ ڪري سنڌس جائز وارث ثابت ٿيا. ورثي طور زيب النساء جي مرڻ ڪري ماہ وارث ۾ آهي	155 166 60 89/4 90/5C 90/6CD 96/3,4 90/5D 97/1AB	1-06 2-20 2-37 4-00 1-00 2-00 8-00 1-00 1-00 23-23	ڪاتيدار اسماعيل کي بلاڪ 89/4, 90/5CD, 90/6CD مان 100 اڪرين جو سيل سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو
42	ستون ب جريان نمبر 169 مورخہ 24.7.2023	عاشق علي ولد محمد سومار سهتو 45302.6019128.1	1-00	گروي لاهڻ جي داخلا رکي وئي جناب مئنيجر صاحب زرعي ترقياتي بئنڪ بدين برانچ 187 مورخہ 7.2.2023 موجب	17 18 19 20 21	2-21 4-20 4-33 4-35 5-34 22-05	
43	ستون ب جريان نمبر 168 مورخہ 20.7.2023 ستون ب جريان نمبر 165 مورخہ 14.10.2022 ستون ب جريان نمبر 164 مورخہ 14.10.2022	ڪريم زوجہ علي رضا ملاح سڪندر علي ولد محمد عثمان ممتاز علي ولد مبارڪ عرس ولد پيرون ملاح محمد علي ولد اميربخش محمدالرحيم ولد حسين	0-8 ½ 0-15 86/100 0-15 06/100 0-9 15/100 0-29 85/100 0-9 95/100 1-00	رجسٽرڊ دستاويز رجسٽريشن 2111 مورخہ 21.7.2022 موجب حڪيم زال اميرعلي کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 1876 مورخہ 20.6.2022 موجب ولي محمد ولد لونگ کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 563 مورخہ 11.2.2021 موجب خريد ڪئي	30	10-02	
44	ستون ب جريان نمبر 166 مورخہ 27.3.2023	عمران ولد ميرالهبخش ٽالپر	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1099 مورخہ 5.4.2022 موجب مڪيش ۽ سنڌس پاءِ کان خريد.	83	6-10	
45	ستون ب جريان نمبر 163 مورخہ 13.10.2022	صغير غلام فاطمہ ڌيءِ انورحسين صغير ناياب ڌيءِ انورحسين صغير نوروز علي ولد انورحسين بسنپال ولد انورحسين	0-18 0-18 0-64 1-00		78/3 78/2 78/2CD 78/4 79 80/1 80/2 80/3	2-38 4-00 2-00 4-00 1-32 4-27 4-14 4-00 27-31	
46	ستون ب جريان نمبر 162 مورخہ 7.9.2022	صغير عبدالقيوم ولد صديق خاصخيلي	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1641 مورخہ 26.5.2022 موجب اسلم ولد عبدالڪريم کان خريد ڪئي	81 94	3-39 6-17 10-16	
47	ستون ب جريان نمبر 158 مورخہ 13.4.2022	سهيل احمد ولد دوست محمد ميمڻ	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 33 مورخہ 10.01.2022 موجب سڪندر بخش ولد غلام محمد نهڙيو کان خريد ڪئي	45/1.2 مان 8-00 46/1 46/2	3-00 4-00 3-20 10-02	
48	ستون ب جريان نمبر 156 مورخہ 30.3.202	سڪندر علي ولد محمد عثمان سومرو ناهيده زوجہ عبدالغفار سومرو	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 238 مورخہ 27.01.2022 موجب حفيظ احمد ولد حاڪم کان خريد ڪئي	36 141 144 145	4-34 7-29 7-25 6-05 26-13	
49	ستون ب جريان نمبر 156 مورخہ 30.3.202	صغير ممتاز علي ولد مبارڪ سومرو شاهده پروين زوجہ سڪندر علي	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 238 مورخہ 27.01.2022 موجب حفيظ احمد ولد حاڪم کان خريد ڪئي	37 38 39	7-25 9-01 8-24 25-10	
50	ستون ب جريان نمبر 155 مورخہ 23.2.2022	نورحسن عرف نورو ولد راڻو ملاح	1-00	ڊڪري جي آڌارتي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين جن جو آرڊر 67 آف 2019 مورخہ 31.1.2019 کي بحال ڪجي ٿو	125/1BC 125/2 125/3AB 126/4A	2-00 4-00 2-00 1-00 9-00	
51	ستون ب جريان نمبر 148 مورخہ 1.12.2021	محمد اسحاق ولد محمد خان لغاري	1-00	ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ٽنڊو محمد خان جي ليٽر SS/TMK/3420 OF 2021 موجب ڪورٽ سگوري کان آزاد ٿي.	84/1TO 4 103/1AB 103/2AB	16-00 2-00 2-00 20-00	
52	ستون ب جريان نمبر 145 مورخہ 30.8.2021	نياز احمد ولد پيربخش ٽالپر	1-00	مسلم ڪمرشل بئنڪ لميٽيڊ بدين برانچ مان گروي کان آزاد ٿي.	112/6 113/1 113/2AC CP 27 28 29 135	4-00 4-00 2-16 4-01 7-16 6-28 8-35 37-16	
53	ستون ب جريان نمبر 141 مورخہ 7.4.2021	اڪشي ڪمار ولد آلومل	1-00	رجسٽرڊ دستاويز جي جريان نمبر 663 مورخہ 8.3.2019 موجب يونس کان خريد ڪئي	81/1TO4	16-00	
54	ستون ب جريان نمبر 65 ...	ياسر عرفات ولد دوست محمد	1-00	جنسي رجسٽرڊ دستاويز جي رجسٽريشن 312 ...	46/3 ...	2-18 ...	ستون ب 136 ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 03 جُون 2026ع

تڪرارن ۾ ورتل سماج ۽ ڪمزور ٿيندڙ رياستي عملداري

لاڙڪاڻي جي سنڌ گرين ڪالوني ۾ پيش آيل المناڪ واقعو نه رڳو چار بيگناهه انسانن جي قتل جو داستان آهي، پر اهو سنڌ جي ڳوٺاڻن ۽ شهري علائقن ۾ وڌندڙ قبائلي تڪرارن، هٿيارن جي آزاديءَ سان استعمال ۽ قانون جي ڪمزور عملداريءَ جي هڪ خوفناڪ تصوير به پيش ڪري ٿو. هڪ گهر ۾ گهڙي ٺٺ ستل ماڻهن مٿان انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري هڪ عورت، سندس ٻن نوجوان پٽن ۽ هڪ نوجوان ڌيءَ کي قتل ڪرڻ اهڙو وحشياڻو عمل آهي، جنهن کي ڪنهن به مهذب سماج ۾ قبول نٿو ڪري سگهجي. هن واقعي ۾ زخمي ٿيندڙ خاندان جا ٻيا فرد جن ۾ هڪ معصوم ٽن ورهين جي ٻارڙي پڻ شامل آهي، ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته دشمني ۽ انتقام جي باهه جڏهن ڀڙڪي ٿي ته اها عمر، جنس ۽ انسانيت جي هر حد کي لتاڙي ڇڏيندي آهي.

سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ذاتي، قبائلي ۽ خانداني تڪرارن جي تاريخ پراڻي آهي پر افسوس جو جديد دور ۾ به انهن تڪرارن جي خاتمي بدران انهن ۾ شدت ايندي پئي وڃي. ڪيترن ئي واقعن ۾ ڏٺو ويو آهي ته ننڍڙن جهيڙن کان شروع ٿيندڙ اختلاف وقت سان گڏ خونريز دشمنيءَ ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا، جنهن جو نتيجو انساني جانين جي ضايع ٿيڻ جي صورت ۾ نڪري ٿو. لاڙڪاڻي وارو واقعو به اهڙي ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جتي پراڻي تڪرار جي بنياد تي هڪ سڄي خاندان کي نشانو بڻايو ويو. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن ٻن ڌرين وچ ۾ اڳ ئي تڪرار موجود هو ته ڇا قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ان بابت ڄاڻ نه هئي؟ جيڪڏهن ڄاڻ هئي ته پوءِ اهڙي خونريزيءَ کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ قدم ڇو نه کنيا ويا؟ اسان جي سماج ۾ اڪثر ڪري تڪرار تيستائين نظرانداز ڪيا ويندا آهن، جيستائين ڪو وڏو سانحو پيش نه اچي. ان کان پوءِ پوليس ۽ انتظاميا متحرڪ ٿيندي آهي. جڏهن ته ذميوار رويي جي تقاضا اها آهي ته اهڙن اختلافن کي شروعاتي مرحلي ۾ ئي ڳالهين، جرڳن ۽ قانوني قدمن ذريعي ختم ڪيو وڃي. نه رڳو قبيلائي تڪرار پر ڪاروڪاريءَ جي خاتمي لاءِ پڻ ڪوششون ٿيڻ گهرجن. ڇو ته انهيءَ اياڳ سبب به روزاني ڪيترين ئي زندگيون زيان ٿينديون رهن ٿيون. ڪالهه وارين اخبارن ئي همايون ويجهو پراڻي ڪارنهن تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙي سبب ٻن ڄڻن جي قتل جي خبر رپورٽ ڪئي آهي. جڏهن ته هڪ عورت پڻ زخمي ٿڌائي وڃي ٿي. اهڙيون ٻيون به ڪيترين ئي خبرون رپورٽ ٿينديون رهن ٿيون. طوالت سبب انهن جو هتي ذڪر نٿو ڪجي. ڏٺو وڃي ته سنڌ ۾ ڪيترن ئي علائقن ۾ غيرقانوني هٿيارن جي موجودگي به هڪ وڏو مسئلو بڻيل آهي. جڏهن ماڻهن وٽ آسانيءَ سان جديد هٿيار موجود هجن ته معمولي اختلاف به خطرناڪ شڪل اختيار ڪري سگهن ٿا. حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهرجي ته هٿيارن جي نمائش ۽ غيرقانوني هٿيارن خلاف سخت مهم هلائي وڃي. اهڙن قدمن کان سواءِ امن امان جي صورتحال ۾ حقيقي سڌارو آڻڻ ڏکيو هوندو. ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته معاشري ۾ برداشت، صبر ۽ قانون جي بالادستيءَ بابت شعور پيدا ڪيو وڃي. اختلاف هر سماج جو حصو هوندا آهن پر انهن جو حل قتل ۽ خونريزي نه پر قانوني ۽ پُرامن طريقن سان ڳولهڻ گهرجي. تعليمي ادارن، سماجي تنظيمن، مذهبي اڳواڻن ۽ ميڊيا کي به ان سلسلي ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هتي اِها ڳالهه به نوٽ ڪئي وڃي آهي ته جيستائين حڪمران طبقي اندر ڪو حادثو پيش نٿو اچي، تيستائين اُهي ڪنهن به مامري ۾ هٿ وجهڻ لاءِ تيار ناهن. ڇيو وڃي ٿو ته مشهور ڪوڪين ڊيلر عورت خلاف به اِن ڪري قانون حرڪت ۾ آيو جو اُن جي رسائي سياستدانن جي ٻارن تائين ٿي وئي هئي. جيڪڏهن سياستدانن جي ٻارن کي ڪو نقصان نه پهچي ها ته هوند اڄ سوڌو اُها آزاديءَ سان پنهنجو ڪاروبار جاري رکيو اچي ها.

لاڙڪاڻي توڙي همايون جا دردناڪ واقعا فقط انهن خاندان جي تباهي تائين محدود ناهن پر اهي سڄي سماج لاءِ هڪ تنبيهه آهن. جيڪڏهن قبائلي ۽ ذاتي تڪرارن کي روڪڻ، هٿيارن تي ضابطو آڻڻ ۽ قانون جي عملداريءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم نه کنيا ويا ته اهڙا سانحا مستقبل ۾ به ورجائجندا رهندا. حڪومت، پوليس ۽ عدالتي ادارن تي فرض آهي ته هن واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، جيئن مقتولن جي وارثن کي انصاف ملي ۽ سماج ۾ اهو پيغام وڃي ته ڪنهن به شخص کي قانون پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ جي اجازت نه آهي.

ڪاروڪاريءَ جي ڪُڌي رسم!



جي اين مغل

سنڌ صوفين، محبت، رواداري ۽ امن جي ڌرتي سڏبي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ سامي جهڙن صوفي شاعرن هميشه انسانيت، برداشت ۽ پيار جو پيغام ڏنو آهي. پر افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته هن ئي سرزمين تي ڪجهه اهڙيون پراڻيون ۽ ظالمانه رسمون به موجود رهيون آهن جن سماج کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي ۽ ڪيترن ئي بيگناهه انساني زندگين کي تباهه ڪيو آهي. انهن رسمَن مان هڪ انتهائي خطرناڪ ۽ ڏکوئيندڙ رسم 'ڪاروڪاري' به آهي. جيڪا اڄ به سنڌ جي ڪجهه پهراڙي وارن علائقن ۾ مختلف شڪلن ۾ موجود آهي. هيءَ رسم نه صرف انساني حقن جي خلاف آهي، پر اسلامي تعليمات، جديد قانون ۽ مهذب سماجي اصولن سان به مڪمل طور تي ٽڪراءُ رکي ٿي. ڪاروڪاري اصل ۾ قبائلي ۽ جاگيرداري سوچ جو پيدا ڪيل نظام آهي. هن رسم تحت ڪنهن به مرد يا عورت تي ناجائز تعلقات جو الزام لڳائي کين 'ڪارو' يا 'ڪاري' قرار ڏنو ويندو آهي. اڪثر اهڙا الزام بنا ڪنهن ثبوت، جاچ يا قانوني ڪارروائي جي، صرف شڪ، دشمني يا ذاتي مفادن جي بنياد تي لڳايا ويندا آهن. ان ڪانپوءِ جرڳن، پنچائتن يا بااثر ماڻهن جي فيصلي تحت قتل، تشدد يا سماجي بائيڪاٽ جهڙا غير انساني قدم کنيا ويندا آهن. افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته ڪيترائي ڀيرا زمينن جا تڪرار، خانداني دشمنيون يا مالي مفاد به 'ڪاروڪاري' جو رنگ ڏئي معصوم ماڻهن جون زندگيون کسيون وينديون آهن. سنڌ جي ٻهراڙي سماج ۾ جاگيرداري، اثر رسوخ ۽ خوف واري ماحول هن رسم کي ڪيترن ئي سالن تائين زنده رکيو آهي ڪجهه علائقن ۾ جرڳي جو نظام اڄ به قانون کان وڌيڪ طاقتور سمجهيو وڃي ٿو، جتي فيصلا انصاف بدران طاقت ۽ اثر رسوخ جي بنياد تي ڪيا وڃن ٿا. هن سڄي عمل ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر عورتون ٿين ٿيون، جن کي اڪثر پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ جو موقعو به نٿو ڏنو وڃي ۽ بنا ٻڌڻي جي ئي سزا ملي ٿي. ڪيترن ئي واقعن ۾ ننڍيون ڇوڪريون به هن ظلم جو شڪار بڻجي چڪيون آهن.

اسلام هن معاملي ۾ بلڪل واضح ۽ سخت موقف رکي ٿو. اسلامي تعليمات مطابق ڪنهن به شخص تي الزام لڳائڻ لاءِ واضح ثبوت ۽ شرعي شرطون ضروري آهن. اسلام ڪنهن به فرد، جرڳي يا قبيلي کي اِهو اختيار نٿو ڏئي ته هو پاڻ فيصلو ڪري، ڪنهن انسان جي جان وٺي ڇڏي. قرآن پاڪ ۾ هڪ بيگناهه انسان جي قتل کي پوري انسانيت جي قتل برابر قرار ڏنو ويو آهي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم انصاف، تحقيق ۽ انساني جان جي احترام تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. ان ڪري ڪاروڪاري جهڙي رسم کي مذهب جي نالي تي جائز قرار ڏيڻ اسلامي تعليمات جي کليل خلاف ورزي آهي. بدقسمتي سان ڪجهه ماڻهو قبائلي روايتن ۽ 'غيرت' جي نالي تي هن ظلم کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جڏهن ته اسلام ۾ انصاف صرف عدالت ۽ قانون ذريعي ئي ممڪن آهي، نه ذاتي انتقام يا جرڳن ذريعي انهيءَ ڪري پاڪستان جا وڏا ۽ معتبر علماءَ به بار بار اِهو واضح ڪري چڪا آهن ته ڪاروڪاري جهڙي رسم جو اسلام سان ڪو به تعلق ناهي. جيڪڏهن تاريخي پس منظر ڏسجي ته برصغير ۾ انگريزن جي دور

حڪومت ۾ به جاگيرداري ۽ قبائلي نظام کي مڪمل طور ختم نه ڪيو ويو هو. انگريز حڪومت ڪيترن ئي علائقن ۾ پنهنجو قبضو مضبوط رکڻ لاءِ مقامي سردارن، وڏيرن ۽ بااثر ماڻهن کي طاقت ڏني ته جيئن هو عوام تي پنهنجو ڪنٽرول قائم رکي سگهن. هن پاليسي جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي ظالمانه رسمن کي خاموشي سان جاري رهڻ جو موقعو مليو. جيتوڻيڪ برطانوي حڪومت هڪ قانوني نظام ضرور متعارف ڪرايو، پر پهراڙي وارن علائقن، خاص ڪري سنڌ ۽ قبائلي علائقن ۾ جرڳي جو نظام ۽ روايتي طاقت مڪمل طور ختم نه ٿي سگهي. پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ به هيءَ مسئلو ڪيترن ڏهاڪن تائين موجود رهيو وقت سان گڏ ميڊيا، انساني حقن جون تنظيمون ۽ عدالتن هن مسئلي کي اجاگر ڪيو. جنهن ڪانپوءِ حڪومتِ پاڪستان غيرت جي نالي تي قتل ۽ ڪاروڪاري جهڙن ڏوهن خلاف قانون سازي ڪئي مختلف دورن ۾ اهڙا قانون ٺاهيا ويا جن تحت غيرت جي نالي تي قتل کي انتهائي سنگين ڏوهه قرار ڏنو ويو. عدالتن به واضح ڪيو ته جرڳن ذريعي انسانن جي زندگي ۽ موت جا فيصلا ڪرڻ غير قانوني ۽ آئين جي خلاف آهي. تنهن هوندي به قانون هجڻ باوجود عملي طور تي هن رسم جو مڪمل خاتمو اڃا تائين نه ٿي سگهيو آهي جنهن جا وڏا سبب ڪمزور عملدرآمد، سياسي اثر رسوخ ۽ عوام ۾ شعور جي گهٽتائي آهن. جديد دور جو تقاضو اِهو آهي ته سماج کي خوف، بدلي ۽ پراڻين روايتن مان ڪڍي اڳتي آندو وڃي.

اڄ دنيا انساني حقن، عورتن جي تحفظ، قانون جي حڪمراني ۽ سماجي انصاف جي ڳالهه ڪري ٿي، جڏهن ته ڪاروڪاري جهڙيون رسمون سماج کي صدين پوئتي ڌڪي ڇڏين ٿيون سوشل ميڊيا، تعليم ۽ جديد ميڊيا ذريعن ماڻهن ۾ ڪجهه حد تائين شعور پيدا ڪيو آهي، پر پهراڙي وارن علائقن ۾ اڃا تائين خوف ۽ سماجي دٻاءَ سبب ماڻهو کلي عام هن ظلم خلاف آواز نٿا ڪڍي سگهن هن مسئلي جي حل لاءِ صرف قانون ڪافي ناهي، پر سماجي، تعليمي ۽ فڪري سڌارا به تمام ضروري آهن سڀ کان پهرين پهراڙي وارن علائقن ۾ تعليم کي وڌائڻو پوندو عورتن کي قانوني تحفظ، جلدي انصاف ۽ سماجي سهارو فراهم ڪرڻ به انتهائي ضروري آهي جرڳي جي نالي تي غير قانوني فيصلا ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي مولوين استادن، ميڊيا ۽ سماجي اڳواڻن کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو مسجدن، اسڪولن ۽ ميڊيا ذريعي ماڻهن ۾ اهو شعور پيدا ڪرڻ گهرجي ته اسلام ڪنهن به صورت ۾ ڪاروڪاري جهڙي رسم جي اجازت نٿو ڏئي نوجوان نسل کي برداشت، قانون جي احترام ۽ انساني حقن جي تعليم ڏيڻ به انتهائي ضروري آهي ته جيئن ايندڙ نسلون بدلي ۽ انتقام بدران انصاف جو رستو اختيار ڪن حقيقت اِها آهي ته ڪاروڪاري ڪا روايت نه آهي، پر هڪ سماجي لميو آهي جنهن ڪيترائي گهر اجاڙي ڇڏيا آهن ۽ بيشمار بيگناهه زندگيون ختم ڪيون آهن هڪ مهذب، اسلامي ۽ جمهوري معاشري ۾ اهڙين رسمن لاءِ ڪا به جاءِ نه هجڻ گهرجي

سنڌ جي قومي وسيلن جي مالڪي وقت جي ضرورت!



غلام حسين لغاري

وفاق ڪراچيءَ سميت سنڌ جي وسيلن درياهه جي پاڻي سامونڊي پيٽ، بندرگاهن ۽ زمينن تي والار ڪرڻ پنهنجو اٽوٽ حصو بنائڻ لاءِ جيڪو خاڪو تيار ڪري چڪو آهي ان تي سڄاڻ سياسي سماجي حلقن جو چوڻ آهي ته وفاق بجيٽ اجلاس بعد باقائده متحرڪ ٿي ويندو ۽ ممڪن آهي ته 28-هين ترميم وسيلي ان تي عمل به ٿيڻ شروع ٿي وڃي هن ڏس ۾ سگهارين قوتن متحده قومي موومينٽ کي ته اڳ ۾ ئي اعتماد ۾ وٺي ڇڏيو آهي پ پ پ به پلي پٽ اشارو ڏئي چڪي آهي

گهگهر ڦاٽڪ کان گهارو ۽ گهارو کان ميرپور ساڪرو ۽ ميرپور ساڪرو کان ڪيٽي بندر تائين ۽ ڪراچي کان نوري آباد تائين وارا علائقا سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي کي بلڪل ويجها آهن، جيڪي ايئن ڇڄجن ته زرعي توڙي صنعتي حب کان گهٽ ناهن. جن تي تيزيءَ سان والار ٿي رهي آهي، جڏهن ته موٽروي تي ڪاٺوڙ نوري آباد ۽ باران پل تائين وارين زمينن تي اڳ ۾ والار ٿيل آهي، جتان جي زرخيز باراني زمينن تي جيڪي به ٻجي فارم هوندا هئا سي اجڙي ختم ٿي چڪا آهن، انهن زمينن تي پلاٽنگ ۽ مختلف قسمن جا وفاق جي زيراهتمام هلندڙ ٻجي ادارا قائم ٿي چڪا آهن يا تڪميل جي ويجهو آهن، جن ۾ ونڊ پاور ۽ ٻيون رٿائون به شامل آهن. سولر تي هلندڙ بجلي گهرجيڪي وفاق ۽ ٻجي ادارن حوالي آهن. نوري آباد صنعتي زون به پنهنجو ته پر ڏارين جي ملڪيت آهي جتي مقامي ماڻهن کي ٿالي ماتر جڏهن ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي جي ماڻهن کي روزگار حاصل آهي، سنڌ جي اسيمبلي به بيوس بڻيل آهي جو اها مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ لاءِ متحرڪ ٿئي جنهن سان مقامي ماڻهن مان بيروزگاري ختم ٿئي گڏريل اڌ صديءَ کان گهارو ميرپور ساڪرو ۽ ڪيٽي بندر تائين به زمينن تي والار جاري آهي، بلڪ ٿي چڪي آهي، جيڪي اتان جي مقامي ماڻهن پورهيتن جي ابن ڏاڏن جون اوئلي ملڪيتون آهن يا وري خود سنڌ سرڪار جون پنهنجون آهن جن جي پڳڙن مٽ تي خريد و فروخت تيزيءَ سان جاري آهي يا اهي اڳواٽ ڪراچيءَ جي صنعتڪارن يا ڪاروباري ماڻهن خريد ڪري ڇڏيون آهن جيڪي مستقبل ۾ زرعي توڙي صنعتي حب ۾ تبديل ٿي وينديون. بهتر ڳالهه آهي علائقي کي ترقي ملندي، خوشحالي ايندي پر اها ڪهڙي ڪم جي جتان جي مقامي ماڻهن ساحلي علائقن جي پورهيت هارين ۽ مڇي ماريندڙن کي ڪهڙو فائدو پوندو؟ جن جا نسل هزارن سالن کان مسڪيني واري حالت مان ٻاهر نڪري ناهن سگهيا. هن وقت به اتي ٻجي فارم هائوس جيڪي گهڻو ڪري برسراقتدار ڌرين ۽ ڪامورن جون ملڪيتون آهن جڏهن ته مختلف قسمن جون ملٽي صنعتون قائم ٿي چڪيون آهن، جن ۾ ميرپور ساڪرو روڊ تي چيني ۽ ملائيشيائي ڪمپنيون اچي ويون آهن. مختلف قسمن جا ٻيا ڪارخانا به لڳي رهيا آهن، جن ۾ به مقامي ماڻهن کي ڪو لاڀ ملي ناهي سگهيو. جڏهن کان سنڌ حڪومت ڪيٽي بندر کي ٻيهر فعال بنائڻ جو اعلان ڪري چڪي آهي، تڏهن کان ته زمينن جي والار جو رجحان اڃا به وڌيو آهي، گهڻو ڪري ڪراچيءَ جو سرمائيدار طبقو سنڌ جي هن قيمتي حصي تي ٻري اک رکيو ويٺو آهي، جن کي به پنهنجا مفاد آهن جنهن لاءِ رويئيو ڪاتو انهن جو سهولتڪار بڻيل آهي. ٿيڻ ته ايئن گهرجي جو سنڌ حڪومت پاڻ هن علائقي ۾ ساحلي صنعتي زون جي قيام لاءِ وک وڌائي ها جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ مقامي بيروزگار نوجوانن کي ته روزگار ملي سگهي ها پر سنڌ حڪومت به ٻاهرين سرمائيدارن جو حوصلو وڌائي رهي آهي هوئنئن به سنڌ جي ساحلي علائقن ۽ بندرگاهن مٿان طاقتور ڌرين جي نيت گهڻي وقت کان خراب آهي خدا نه ڪري جيڪڏهن 28-هين ترميم اچي ٿي سنڌ مخالف ڪو بل پاس ٿئي ٿو ته سنڌ جو ڪوهستان ۽ سامونڊي پٽي سنڌ کان ڪسجي ويندي، جيڪا ڪيئي صديون شايد واپس ٿي سگهي. سنڌ جي ڪوهستان ۽ سامونڊي پٽيءَ وارن ضلعن ۾ آءُ سالن جا سال بطور زرعي آفيسر تعينات رهيو آهيان، اتان جي اهميت کان ڪافي واقف آهيان، اتان جو مقامي ڪنهن به قسم جي مزاحمت ڪرڻ جي جرئت نٿو رکي، اتان جي سردارن وڏيرن ۽ ڪامورن جي زيادتين ۽ طاقت کان خوفزده آهي. ڪوهستان جي جابلو پٽيءَ ۾ سون اپائيندڙ زمينون آهن، جيڪي برساتن تي آباد ٿين ٿيون، قيمتي نسل جا پڪي جانور جابلو جڙي ٻوٽيون هجڻ سان گڏ جتي زير زمين پاڻي موجود آهي، اتي ٽيوب ويلن تي به زرعي آبادي ٿئي ٿي، حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين روڊ جي ٻنهي طرفن کان سلوڪ ۽ فصل ٻيٺل نظر ايندا هئا، اهي هاڻ باقي ناهن رهيا، جتي فصلن جي جاءِ تي رهائشي ۽ صنعتي منصوبا نظر ايندا. اهڙي طرح ڪيٽي بندر ميرپورساڪرو گهارو جي پسگردائيءَ ۾ به مختلف قسمن جا فصل مڇي ۽ جهينگن جي پالنا جا فارم هوندا هئا، اهي به سرمائيدارن جي ور چڙهي سنڌن فارم هائوسز ۽ واٽر پارڪس ۾ تبديل ٿي چڪا آهن، جتي نسلن جي تباهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي. اتان جو پورهيت ۽ ماهيگير هن وقت به بک بيروزگاريءَ جي سسڪين ۾ آهي. هنن فارم هائوسز ۽ واٽر پارڪس جا مالڪ اسيمبلين ۾ ويٺل يا وري سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪريون ڪري رهيا آهن يا رٽائر ٿي چڪا آهن. گهارو جو اوائلي ذڪر ڪجي ته گهارو ڪراچيءَ کي ويجهو هجڻ ڪري اتي قيام پاڪستان کان اڳ ۽ پوءِ به صنعتي زون هوندو هئا، جن ۾ مختلف قسمن جا ڪارخانا هوندا هئا، جن ۾ سٽي ۽ چانورن جا ڪارخانا شامل هئا. اڳتي هلي سيمينٽ جو ڪارخانو ڪمند جو ڪارخانو به قائم ٿيو جيڪي هن وقت به موجود آهن، جڏهن ته سٽي وارو ڪارخانو پنهنجو وجود وڃائي چڪو آهي. جڏهن کان نئون ڪراچي روڊ ڊبل ٿيو آهي، تڏهن کان گهارو ۽ ان جي پسگردائيءَ جي اهميت وڌي چڪي آهي.

منهنجي خيال ۾ ته اڳوڻي ٺيڪون کان به وڌيڪ خطرناڪ لشڪر گريبن جو ٿئي ضلعي جي هنن علائقن تي مضبوط قبضو آهي جن کي وٺڪو ڪرڻ گهرجي هڪ ڪميشن جوڙڻي ٿئي ۽ جامشوري ضلعن جي جابلو پٽي ۽ ساحلي پٽيءَ جي زمينن تي ٿيل قبضن ۽ الاٽمينٽ جي جاچ ڪرائي اهي زمينون مقامي بي زمين هارين ۾ ورهايون وڃن.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪَرَهو نـه ڪِيڪانُ، پيرين آئون نـه پُڄَڻي،
جو مون راتِ رَسائي، نيڻي ساڄنَ سانُ،
مون نـه وَهيڻو پانُ، ويلي نيڻُ نِڄوئِيانِ.

ڏاڍي ڏکي ۽ منجهائيندڙ صورتحال آهي جو پرينءَ جي سڪ به ڏاڍي لڳي اٿم. پيانو پهچڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي، ان تائين پهچڻ ڏاڍو مشڪل ٿو لڳي هن وقت مون وٽ نه اٺ آ، نه ئي گهوڙو اٿم جن جي وسيلي آئون رات پيٽ ۾ پنهنجي ساڄن وٽ پهچان. منهنجي اختيار ۾، منهنجي هٿ وس ٻيو ڪجهه به ناهي سواءِ بيوسي ۽ لاچاريءَ مان ڳوڙها ڳاڙڻ جي، لڙڪ لاڙڻ جي... ڪڏهن ڪڏهن دل اڏاما ڪائيندي آهي ته هن مهل جو هن مهل!! يعني فوري طور پنهنجي محبوب وٽ پهچان پر پنڌ پري آ، منزل ڏور آهي ته پوءِ بيوسي ۽ لاچاريءَ واري ڪيفيت مان گذرڻو پئي ٿو.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

آءِ ايم ايف مان نڪرڻ جو حقيقي رستو!



شاهد ڪاردار

پاڪستان بار بار پيدا ٿيندڙ معاشي بحرانن سبب اڄ تائين 24 ڀيرا آءِ ايم ايف کان قرض وٺي چڪو آهي جنهن کي ٽيڪنيڪل ٻوليءَ ۾ 'فنڊ پروگرام ۾ شامل ٿيڻ' چيو وڃي ٿو ڪيترائي ڀيرا اِهو اعلان ڪيو ويو ته هيءُ آخري پروگرام هوندو ۽ ان ڪانپوءِ اسان کي آءِ ايم ايف وٽ وڃڻ جي ضرورت نه پوندي، پر حقيقت اِها آهي ته اڄ تائين اهڙا قدم نه کنيا ويا آهن جن سان انهن بنيادي سببن جو خاتمو ٿي سگهي جيڪي ملڪ کي بار بار ملي بحرانن طرف ڌڪي ڇڏين ٿا ۽ سخت شرطن تي قرض وٺڻ تي مجبور ڪن ٿا.

اسان جي مسلسل معاشي بحرانن جو هڪ وڏو سبب ٽيڪس جو ڪمزور ۽ ناقص نظام آهي. هن ۾ نه صرف نظام جو ڪمزور ڍانچو شامل آهي، پر ٽيڪس جي شرحون به هڪ مسئلو آهن. پاڪستان جو ٽيڪس نظام مختلف ادارن ۽ ايجنسين ۾ ورهايل آهي هر صوبي ۾ ٽيڪس جون شرحون مختلف آهن. جڏهن ته وفاق ۽ صوبا ڪيترائي هڪجهڙا ٽيڪس الڳ الڳ شرح سان وصول ڪن ٿا. ان ڪري عام ماڻهن جو هن نظام تي اعتماد گهٽجي ويو آهي. هيءُ اهڙو نظام بڻجي ويو آهي جنهن ۾ بيشمار رعايتون، من ماڻيون ۽ سختيءَ سان عملدرآمد سڀ گڏ نظر اچن ٿا. سرڪاري ڏيان گهڻو ڪري انهن ماڻهن تي هوندو آهي، جيڪي اڳ ۾ ئي ٽيڪس ڏيندڙن ۾ شامل آهن. جڏهن ته ٽيڪس چوري ڪندڙن خلاف مؤثر ڪارروائي نٿي ڪئي وڃي. ٽيڪس جون شرحون وڌائڻ يا سختي ڪرڻ سان ماڻهو پاڻمرادو ٽيڪس نظام جو حصو نه بڻبا، سزا ۽ دٻاءَ جي بدلي، غير يقيني ۽ اڳواٽ اندازو نه لڳائي سگهجندڙ ٽيڪس نظام رسمي معيشت کي محدود ڪري ڇڏي ٿو. ان جي نتيجي ۾ غير رسمي ۽ غير دستاويزي معيشت وڌي ٿي، جنهن سان ٽيڪس قانونن تي عملدرآمد وڌيڪ ڪمزور ٿئي ٿو ۽ سيڙپڪاري به متاثر ٿئي ٿي معاشي ترقي لاءِ اهڙو ٽيڪس نظام ضروري آهي جيڪو سادو، سمجهه ۾ اچڻ وارو ۽ اڳواٽ اندازو لڳائي سگهجندڙ هجي ان ۾ ٽيڪس جون شرحون گهٽ هجن، پر ان جو دائرو وسيع هجي ته جيئن آمدني جي سڀني ذريعن تي هڪجهڙو ۽ منصفاڻو نظام لاڳو ٿي سگهي. ٽيڪس نيٽ کي وڌائڻ لاءِ ٽيڪس ڇوٽ جي روايت ختم ڪرڻي پوندي. ٽيڪس وصولي ۽ نفاذ جي پوري نظام کي ڊجيٽل بنائڻ گهرجي ۽ انهن شعبن کي به ٽيڪس نيٽ ۾ آڻڻ گهرجي جيڪي اڃا تائين ان کان ٻاهر آهن. هڪ ٻيو وڏو مسئلو بي قابو سرڪاري خرچ آهن. هر سال حڪومت جا خرچ اُن جي آمدني کان وڌيڪ ٿي وڃن ٿا. ان جو سبب اِهو ناهي ته رياست تمام گهڻي ترقياتي سيڙپڪاري ڪري ٿي، پر اصل مسئلو اِهو آهي ته خرچن کي آمدني مطابق محدود نه رکيو ويندو آهي ۽ وفاق ۽ صوبن ۾ بيوروڪريسي جي پگهارن ۾ لڳاتار واڌ سبب خرچ تمام گهڻا وڌي ويا آهن. هي واڌ افراطِ زر (مهانگائي) جي شرح کان به گهڻي آهي. ان کان علاوه سرڪاري گاڏين جو وڏو بيڙو، عاليشان رهائشگاهون، شاندار آفيسون، ٻاهرين ملڪن جا دورا ۽ صوابديدي (اختياري) بجيٽ به خرچن ۾ اضافي جو سبب بڻجن ٿا. 18هين ترميم ڪانپوءِ به وفاق وٽ 40 کان وڌيڪ ڊويزنون ۽ لڳ ڀڳ 400 لاڳاپيل ادارا موجود آهن، جن ۾ لڳ ڀڳ 12 لک ملازم ڪم ڪن ٿا. بيوروڪريسي جي هن موجوده حجم کي لڳ ڀڳ به ڀاڱي ٽي تائين گهٽ ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ نين ڀرتين تي پابندي لڳائڻ گهرجي.

هڪ ٻيو سنجيده مسئلو سرڪاري ملڪيت وارا ڪاروباري ادارا آهن. انهن جا مجموعي نقصان ڇهه هزار ارب رپين کان به وڌي چڪا آهن. حڪومت بار بار انهن کي مالي سهارو ڏيندي رهي آهي پر ان باوجود هر سال انهن جي نقصان ۾ لڳ ڀڳ هڪ هزار ارب رپين جو اضافو ٿيندو وڃي ٿو. انهن مان گهڻا ادارا اهڙا آهن جن جي نجڪاري به ممڪن نه رهي آهي، ڇاڪاڻ ته يا ته انهن جو بنيادي مقصد ختم ٿي چڪو آهي يا اهي هاڻي معاشي طور تي هلڻ لائق ئي ناهن رهيا. اهڙن ادارن کي بند ڪرڻ جي ضرورت آهي. وفاقي ترقياتي پروگرام (PSDP) به مالي مسئلن ۾ اضافي جو هڪ وڏو سبب بڻجي ٿو. ان تحت اڪثر ترقياتي منصوبا سياسي تشهير ۽ ڏيکاءَ لاءِ جلدي ۾ شروع ڪيا ويندا آهن. انهن جي لاڳت، فائدي ۽ مستقبل جي خرچن جو مناسب جائزو نه ورتو ويندو آهي نون منصوبن تي سخت پابندي هجڻ گهرجي ۽ صرف اُهي منصوبا مڪمل ڪيا وڃن جيڪي واضح طور تي وڌيڪ معاشي فائدو ڏين ٿا.

(شخصيتون) —— اڄوڪو ڏينهن ـــــ 03 جُون

ا ح جئسنگهاڻي سام

هن نامور اديب ۽ سماج سڌارڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1903ع ۾ ڳوٺ طيب تعلقي رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو امرتراءِ حشمتراءِ جئسنگهاڻي هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. ان بعد شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. اڃا پنجين ڪلاس جو شاگرد هو جو ملڪ ۾ انگريزي راڄ خلاف قطع تعلقات واري تحريڪ شروع ٿي وئي. هن پڙهائي ڇڏي انهيءَ تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. انهن ئي ڏينهن ۾ هن جي ملاقات ساڌو واسواڻي ۽ فرانسيسي فلاسافر پال رچرڊ سان ٿي، جيڪا اڳتي هلي گهري دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. هن پال رچرڊ سان گڏ سڄي سنڌ ۽ هندستان جي مختلف علائقن جو سير ڪيو. ان بعد هو پال رچرڊ سان گڏ يورپ هليو ويو جتي فرانس ۽ سئيٽزرلينڊ سميت مختلف يورپي ملڪن جو سير ڪيائين. هن مصر، فلسطين، شام ۽ اتر آفريڪا جا ملڪ به گهمي ڏٺا. انهيءَ سفر جي ڪري کيس يورپي ۽ اسلامي تهذيبن بابت بي بها ڄاڻ حاصل ٿي. انهيءَ ڄاڻ جي بنياد تي هن ڪيترائي انگريزي ڪتاب لکيا. سنڌس لکڻين کي سڄاڻ حلقن ۾ ڪافي مان مليو. هن ڪراچيءَ مان "نيو ايج" نالي هڪ ماهوار رسالو پڻ جاري ڪيو. 1934ع ۾ پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو. جتي سماجي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويو. ا ح جئسنگهاڻي هڪ بهترين شاعر هو. هن سام تخلص سان سنڌي، هندي، سرائڪي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ شاعري ڪئي. سنڌس گهرواري سرلا ديويءَ کي لاڙڪاڻي ضلعي جي پهرين ڊاڪٽرياڻي مڃيو ٿو. جنهن پنهنجي گهرواري جي شخصيت تي "جيتامڙي جي ڊائري" نالي ڪتاب لکيو. سام جئسنگهاڻيءَ جي حياتيءَ جو سفر 12 فيبروري 1988ع تي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.



اسماعيل بن واصف

اڄ مشهور ليکڪ اسماعيل بن واصف جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو محمد اسماعيل ولد محمد بخش واصف هو ۽ سندس جنم 3 جون 1931ع تي ڪاهي روڊ حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد سڪرنڊ تعلقي جي ڳوٺ راضي جتوئيءَ جو رهواسي هو جيڪو بعد ۾ لڏي مستقل طور حيدرآباد ۾ وڃي رهائش پذير ٿيو هو. اسماعيل بن واصف شروعاتي تعليم قاضي عبدالقيوم پرائمري اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو. هن عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. هن سنڌ يونيورسٽي پريس ۾ پروف ريڊر طور پڻ ڪم ڪيو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد لاءِ ڪيترائي ڊراما ۽ پروگرام تحرير ڪيائين. سندس ڊرامن ۾ وڏيرا شاهي، ڪاروڪاري، ٻڌي جيلن، نياڻين جا حق بخشائڻ جهڙين ريتن ۽ رسمن



لکيا. هن فلم "ڌرتي ۽ آڪاش" ناهي، جنهن جو پاڻ ئي هدايتڪار هو. هن ڪيترائي نوان فنڪار ۽ اداڪار فلمن ۾ متعارف ڪرايا، جن ۾ ابوبلال، وسيم راجا، شهناز پٺاڻ، انجم آرا، امير مهڪ، نادر بلوچ ۽ ٻيا شامل آهن. هن 24 نومبر 1993ع تي وفات ڪئي.

آغا شهاب الدين

آغا شهاب الدين 3 جون 1939ع تي لاڙڪاڻي ۾ آغا تاج محمد جي گهر خوشيون ڪٺي آيو. هن جامعه عربيه هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ ۽ گورنمينٽ ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرس ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيائين. هن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ڊولپمينٽ آفيسر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ۽ 1999ع ۾ رٽائر ٿيو. هو پنهنجي دور جو هڪ بهترين مضمون نگار ۽ ڪالم نگار پڻ هو. هن جي ڪتابن ۾ "سنڌ جو مقدمو"، "عدالتِ عداوت"، "لوڪل گورنمينٽ سسٽم" (انگريزيءَ ۾)، "ڪميونٽي ڊولپمينٽ" (انگريزيءَ ۾) ۽ "ايوانن ۾ پڙاڏو" شامل آهن. هن قاسم آباد ۾ "آغا تاج محمد هاءِ اسڪول" ۽ "شهاب ڪاليج" جو بنياد وڌو. آگسٽ 2011ع ۾ سنڌس لاڏاڻو ٿيو.



ميرمحمد مقبول سومرو

هن مشهور تعليمي ماهر ۽ ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1946ع ۾ خيرپورميرس ضلعي جي هنگورجا شهر ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي شهر هنگورجا مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان مذاهب عالم ۽ اسلامڪ ڪلچر ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون. هن مولوي فاضل عربيءَ جو امتحان پڻ پاس ڪيو. 1984ع ۾ عربي ٽيچر مقرر ٿيو. 1985ع ۾ ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ 2006ع ۾ پروفيسر طور رٽائر ٿيو. هن ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا، جن ۾ "تاريخ هنگورجا"، "رياض القرآن"، "جذبات مقبول"، "فضائل شب قدر"، "دستورالاسلاف في اصلاح الاخلاف" ۽ "موتين مالها" شامل آهن. هو 24 مئي 2021ع تي دائمي سفر تي روانو ٿي ويو.



صابر شمس ڪلوڙ

هن نامور نثر نويس ۽ شاعر 3 جون 1952ع تي پني عاقل تعلقي جي ڳوٺ حسين ڪلوڙ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو



محقق طور ڄاتل سڃاتل آهي. هو روهڙي ڪاليج مان نڪرندڙ "بيدل مخزن" ۽ سکر ڪاليج مان شايع ٿيندڙ "فڪر مهراڻ" رسالي جو چيف ايڊيٽر رهيو. هن صوفي شاعر قاضي فقير محمد قانع جو ڪلام سهيڙي "قانع جو ڪلام" نالي سان ڇپرايو آهي.

قمرالدين قاضي

قمرالدين قاضي سنڌ جو نامور ليکڪ، محقق ۽ انجنيئر آهي. هو 3 جون 1953ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي نئين ديري شهر ۾ ڄائو. 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽي انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻوڪي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي) مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين. 1975ع ۾ پاڪستان ٽيليڪميونيڪيشن لميٽيڊ ۾ جونيئر انجنيئر مقرر ٿيو ۽ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي 2008ع ۾ جنرل مئنيجر طور رٽائر ٿيو. هن 1978ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو ۽ هڪ محقق ۽ مضمون نگار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي. پاڻ نئين ديري جي هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو چيئرمين رهي چڪو آهي. سندس ڪتاب "نئون ديرو - نوان ۽ پراڻا ورق" ڇپجي چڪو آهي.



زاهد علي پرڳڙي

اڄ مشهور سياستدان زاهد علي پرڳڙيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 3 جون 1959ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. هن نورمحمد هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ۽ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) مان انٽر جو امتحان پاس ڪيو. ڪاليج واري زماني ۾ سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپيل رهيو. 12 سال حيدرآباد ڪنٽونمينٽ بورڊ جو نائب صدر رهيو. هو 2001ع ۾ قاسم آباد حيدرآباد واري ٽڪ تان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. ان بعد به سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ سوڀارو ٿيندو رهيو آهي. هو سنڌ ڪابينا جو به حصو رهي چڪو آهي.



شاهنواز شهزور سنڌي

اڄ مشهور سگهڙ شاهنواز شهزور سنڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو پورو نالو شاهنواز ولد سانوڻ خان ٻهراڻي آهي. سندس جنم 3 جون 1985ع تي ڳوٺ هوت خان ٻهراڻيءَ ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ جو امتحان نوان جتوئي



سڪندر علي هاڙهو



مختيار اٽڙ

اڄ مشهور ليکڪ سڪندر علي هاڙهو پنهنجي سالگرهه ملهائي رهيو آهي. هو 3 جون 1987ع تي شهدادڪوٽ ۾ ڄائو. 2000ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪيائين. هو هڪ پلوڙ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهي. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "مينهن ڪڙيون"، "روشنيءَ جا رنگ" ۽ "پنج آڱريون" شامل آهن.

عطا محمد حامي

اڄ مشهور ليکڪ، محقق ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هيءُ ناليوارو ساهتڪار ڪوٽڏيجيءَ ويجهو سوهو قناصرا ڳوٺ ۾ قائم الدين سوهوءَ جي گهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ جو امتحان ناز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس مان پاس ڪيائين. انٽر جو امتحان سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي بي اي، بي ٽي، ايم اي ۽ پي ايچ ڊي جون سندون حاصل ڪيائين. هن عملي زندگيءَ جي شروعات پي ڊبليو ڊي کاتي ۾ نوڪريءَ سان ڪئي پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي پهرياڻين هاءِ اسڪول جو استاد ۽ پوءِ ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1953ع ڌاري نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي خيرپور رياست جي ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر مقرر ٿيو پر 1955ع ۾ ون يونٽ قائم ٿيڻ بعد اها اسيمبلي ختم ٿي وئي. ان بعد بهبود تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪري رٽائر ٿيو. پاڻ هڪ قادرالڪلام شاعر، مضمون نگار ۽ مترجم هو. هن 7 ڪتاب تصنيف ڪيا. 3 جون 1982ع تي وفات ڪيائين.



فقير محمد ملوڪ عباسي

اڄ مشهور سگهڙ فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سگهڙن جي دنيا جي هن وڏي لوڪ شاعر جو جنم 13 ڊسمبر 1944ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي ۾ ٿيو. پاڻ فقط چار درجا سنڌيءَ جا ڳوٺ ٻرادي ساريو جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو. هن محمد مريد زهراڻي جت جي سرپرستيءَ ۾ سگهڙاڻپ جي ميدان ۾ پير پاتو. 1975ع ۾ ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ سان گڏجي "سنڌ سگهڙ سنگت" جو بنياد وڌائين. انهيءَ سنگت سنڌي لوڪ ادب جي واڌاري ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو. هن سگهڙاڻپ ۾ ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا. هن لوڪ ادب جي هر صنف جهڙوڪ ڏور، هنر ڏٺ، ڳجهارت، ست سري، سينگار، ڏهر، ڪافي، مولود، مدح، مرثيه ۽ مناجات تي طبع آزمائي ڪئي.



نياز پنهور

اڄ مشهور اداڪار ۽ هدايتڪار نياز حسين پنهور جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 1960ع ڌاري دڙي شهر ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان ئي اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق هئس. هن لڳ ڀڳ 30 سال اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪار ۽ هدايتڪار طور ڪم ڪيو. سندس مشهور اسٽيج ڊرامن ۾ "اڪيلي عاشق"، "مٽيءَ جو قرض"، "سووري ڪيٽن"، "جابر" ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن. اسٽيج سان گڏ پاڪستان ٽيليويزن جي ڪجهه ڊرامن ۾ پڻ ڪم ڪيائين، جن ۾ "وڃايل ٻار" ۽ "مٽيءَ جا ماڻهو" خاص ذڪر جي لائق آهن. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1988ع ۾ پي آءِ اي ۾ ڪيس نوڪري ملي ۽ 2002ع ۾ ڪيس نواب شاهه ۾ ڊسٽرڪٽ سيلز مئنيجر مقرر ڪيو ويو. تاريخ 3 جون 2003ع تي سندس نواب شاهه واري گهر ۾ چور گهڙي آيا، مزاحمت ڪرڻ تي پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو.




ٻيڊو فقير

ٻيڊو فقير ٿر جو مشهور لوڪ فنڪار هو. هو 1942ع ڌاري مٺي شهر ۾ محمد صديق منڱڻهار جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ شروع ڪيائين. راڳ جي سکيا مراد فقير کان ورتائين. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي ڪيترائي ڪلام ڳايا. 3 جون 2005ع تي وفات ڪيائين. هن ڀٽائي، سچل، حاجي احمد ملاح، مرتضيٰ ڏاڏاهي ۽ ٻين شاعرن جا ڪلام پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳايا آهن.



عطا محمد ڀنڀرو

اڄ سنڌ جي ٻرڪ اديب، تاريخدان ۽ صحافيءَ عطا محمد ڀنڀري جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سنڌ جي هن سڄاڻ ساهتڪار پهرين فيبروري 1936ع تي خيرپور ضلعي جي ڳوٺ ٻچل ڀنڀري ۾ محمد بخش ڀنڀري جي گهر ۾ اکيون کوليون. گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٺري ميرواهه مان مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ممتاز ڪاليج خيرپور مان بي اي ۽ ايس ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ وڪيل جي حيثيت سان ڪيائين. عطا محمد ڀنڀري جو شمار سنڌ جي چوٽيءَ جي ساهتڪارن ۾ ٿئي ٿو. هو هڪ مهان ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ تاريخدان هو. هن انگريزي، روسي ۽ فارسي ٻوليءَ جا ڪيترائي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. خاص طور تي سنڌ جي تاريخ تي لکيل جڳ مشهور انگريز ساهتڪارن جي لکيل ڪتابن جو سنڌيءَ ترجمو سندس وڏو ڪارنامو آهي. 1967ع ۾ هن "هوشو" رسالو جاري ڪيو جنهن تي 1974ع ۾ پابندي



بقايا 1 ”روزاني عبرت“

تي منهنجي پٽ عامر چيو ته مان دوست عطاءَ الله پالاري وارن سان گڏ آهيان جلد گهر اچان پيو جنهن کان پوءِ منهنجي پٽ جو فون بند ٿي ويو جنهن جي ٻي ڏينهن تي گهڻي ڳولا ڪئي اربع رات فون آيو ته توهان جي پٽ جي لاش اسپتال ۾ پيل آهي اچي ڪٺي وٺو جنهن تي اسان اسپتال پهچي پٽ جي لاش ڏٺي منهنجي پٽ جون ٻئي ڄنگهون ڀڳل مٿي ۾ ڌڪ لڳل هئا جڏهن ته معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته بلديا پوليس منهنجي پٽ جو لاش اسپتال ۾ ڇڏي وئي آهي هن چيو ته مون کي ڪا به خبر ناهي ته منهنجي پٽ جو ڪنهن ۽ ڇو قتل ڪيو آهي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ، آئي جي سنڌ پوليس،ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد نوٽس وٺي قتل واقعي جي جاچ ڪرائي قاتل گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن پوليس موجب نوجوان پوليس کي چوري ڪيس ۾ گهربل هو جنهن کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته عامر سوڊو سندس 3ساٿي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هڪ کي ماڙ گهر تي چڙهي ويا جتان هن جا 2ساٿي فرار ٿي ويا جڏهن ته عامر ٽپو ڏئي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ٽي ماڙ تان ڪري زخمي ٿيو جنهن دوران گرفتار ڪري اسپتال داخل ڪيو جتي فوت ٿي ويو

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

بي رقم ڪٽي ڪيلي جي ايگريمنٽ لاءِ قسط جي رقم ڪٽي وڃي رهيو هوس سول اسپتال سامهون ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل تي سوار ٻن ڄڻن گاڏي اڳيان ڏئي هٿيارن جي زور تي ساڍا 6 لک روپيا ڦري ڪري فرار ٿي ويا هن چيو آئون ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کي اپيل ٿو ڪريان ته ڦر ٿيل رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

سمورو مسئلو پسند ۽ ناپسند جي بنياد تي ڪٽي وئي آهي جنهن جا ذميوار نام نهاد سيلا ليڊ،ڪرپٽ شاهي افسر،لالچي ڪلرڪ شاهي ۽ سنڌ سيڪريٽريٽ جو ناڪام ناڪارا نظام آهي هن چيو ته ڪنهن ملازم جي 14مهينا پگهار بند هجي ان جو ڪهڙو حال هوندو هن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي اپيل ڪئي ته عامري جو نوٽيس وٺي مون کي نوڪري تي بحال ڪيو وڃي

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

نوجوان نشي جا عادي بڻجي ويا آهن شهرين پاران منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

هنيو ويندو جيڪو پاڻي جي فراهمي تائين جاري رهندو هن موقعي تي بدين پوليس پاڻي پهچائڻ جو وعدو ڪري ٽن ڪلاڪن کان پوءِ احتجاج ختم ڪرايو

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

چئن جوابدارن 35 لک 56 هزار 500 رپيا نقد رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا، پوليس موجب جديد ٽيڪنالاجي، سي سي ٽي وي فوٽيج ۽ فني جاچ جي مدد سان ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن امان الله نهڙي ۽ مير حسن ڪنبر کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن جاچ دوران انڪشاف ڪيو ته واردات ۾ ڪراچي واسي شهزاد بليدي ۽ لاڙڪاڻي واسي عادل چنا پڻ شامل هئا جن کي خاص طور تي ڏوهه ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو هو پوليس موجب سٽي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري گرفتار جوابدارن جي قبضي مان ڦر ٿيل 35 لک 56 هزار 500 رپيا نقد رقم پسٽل ۽ موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن پريس ڪانفرنس دوران ٻڌايو ويو ته واردات ۾ ملوث ٻه مک جوابدار شهزاد بليدي ۽ عادل چنا فرار آهن جن مٿان سنڌ جي مختلف ٿاڻن تي 10 کان وڌيڪ ڏوهن جا ڪيس داخل آهن سندن گرفتاري لاءِ پوليس جون ٽيمون سرگرم آهن ۽ کين جلد گرفتار ڪيو ويندو ڊي ايس پي سٽي وڌيڪ ٻڌايو ته هفتو اڳ مال پڙي عمرڪوٽ ۾ واپارين کي نشي آور شيون ڪارائي رقم ڦريندڙ بين الصوبائي گروهه جي ٻن جوابدارن صابر ڪوپانگ ۽ نديم قريشي کي پڻ گرفتار ڪيو ويو جن کان واپارين جا 5 لک 15 هزار رپيا واپس ڪرائي معاڻن حوالي ڪيا ويا آهن پوليس موجب گرفتار جوابدار صابر ڪوپانگ خيرپور ۽ نديم قريشي پنجاب جي گوجرانوالا شهر جا رهواسي آهن جڏهن ته ٻنهي جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن تي ڦر ۽ چوري جا 15 کان وڌيڪ ڪيس داخل آهن ان موقعي تي پوليس اختيارين چيو ته ايس ايس پي سهائي عزيز ٽالپر جي هدايتن تي ضلعي اندر ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي شهرين جي سهڪار سان ڏوهن جو خاتمو ممڪن بڻايو ويندو جڏهن ته پوليس جون ڪارروايون بنا ڪنهن فرق جي جاري رهنديون

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

طور تي تبديل ڪري علائقي کي بجلي جي سهولت فراهم ڪئي وڃي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته محلي جو ٽرانسفارمر 15 ڏينهن اڳ خراب ٿي ويو هو جنهن بابت ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل اختيارين ۽ سيپڪو عملي کي آگاهه ڪيو ويو پر اڃا تائين ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي هنن الزام هنيو ته بجلي جي فراهمي معطل هجڻ ۽ بار بار وولٽيج جي مسئلن سبب گهرن ۾ موجود برقي سامان فرجون پاڻيءَ جا موٽر، اسٽريون اي سيون ۽ ٻيو سامان پڻ سڙي ويو آهي جنهن ڪري رهواسين کي لکين رپين جو مالي نقصان برداشت ڪرڻو پيو آهي. مظاهرين چيو ته سخت گرمي جي موسم ۾ بجلي نه هجڻ سبب عورتون، ٻار، بزرگ ۽ مريض سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته بجلي جي کوٽ سبب روزاني زندگي جا معاملا سخت متاثر ٿي رهيا آهن جڏهن ته پاڻي جي فراهمي به متاثر ٿيڻ ڪري رهواسين کي اضافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. احتجاج ڪندڙن واپڊا ۽ سيپڪو انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي خراب ٽرانسفارمر تبديل ڪيو وڃي ۽ متاثر ٿيل رهواسين کي پيش آيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هوڏانهن آخري اطلاعن تائين لاڳاپيل انتظاميه طرفان احتجاج بابت ڪو به باضابطه موقف سامهون نه اچي سگهيو هو

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

جوابدار جي قبضي مان هينڊ گرنيڊ، ڌماڪيدار بارودي مواد، هٿيار ۽ مبينا طور دهشتگردن جي مالي معاونت لاءِ گڏ ڪيل رقم پڻ هٿ ڪئي وئي آهي پوليس موجب ڪارروائي ڪانپوءِ بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي واقعي واري هنڌ طلب ڪيو ويو آهي ته جيئن هٿ آيل ڌماڪيدار مواد جو تفصيلي جائزو ورتو وڃي ۽ علائقي کي مڪمل طور محفوظ بڻايو وڃي سي ٽي ڊي اختيارين وڌيڪ ٻڌايو آهي ته گرفتار ٿيل جوابدار کان جاچ جاري آهي ۽ ان کان حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جي بنياد تي وڌيڪ ڪارروائين جو امڪان آهي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ڪئي وڃي مير خان شر ٻڌايو ته هو هاري آهي محنت مزدوري ڪري پنهنجي گهر جو گذر سفر هلائي رهيو آهي جڏهن ته سندس ۾ ٻيا ٻار به بيمارين سبب علاج هيٺ آهن هن چيو ته چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندڙ سندس پٽ انصار علي بابت ڊاڪٽرن دماغي رسولي (ٽيومر) جي تشخيص ڪئي آهي جنهن جي علاج لاءِ وڏي رقم گهربل آهي جيڪا سندس وس کان ٻاهر آهي هن وڌيڪ چيو ته محدود آمدني سبب گهر جو خرچ هلائڻ به مشڪل ٿي ويو آهي اهڙي صورتحال ۾ پٽ جو علاج ڪرائڻ انتهائي ڏکيو بڻجي ويو آهي هن ضلعي انتظاميه، عشر زڪوات ڪاٽي، سماجي تنظيمن ادي شازيه عطا مري ايم پي اي علي حسن هنگورجو ۽ صاحب حيثيت ماڻهن کي اپيل ڪئي ته انساني همدردي جي بنياد تي سندس پٽ جي علاج ۾ سهڪار ڪري معصوم ٻار جي زندگي بچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

اهلڪارن کان ڦر ڪيل هٿيار برآمد ڪري جوابدار عبدالخالق ملاح ساجد علي حبيب علي ملاح ۽ پنج ڇهه نامعلوم عورتن سميت 10 جوابدارن مٿان دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو اطلاعن موجب ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي ٻئي پاسي محرابپور جي ٽري روڊ تي چيما ٿاڻون واري علائقي ۾ رهائش پذير ڪرين ۽ ٽريڪٽر ٽرالين ذريعي پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندڙ اختر خان عالم خان پٺاڻ ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته محرابپور پوليس کي ملاح برادري جا گهر مسمار ڪرڻ لاءِ ڪرين نه ڏيڻ تي ايس ايڇ او راجا نويد سرفراز جي اڳواڻي ۾ اسان مٿان چڙهائي ڪري اسان جي ڪرين جا شيشا ٽوڙي ٽائرن مان هوا ڪڍي ڪرين ۾ لڳل بيٽري ۽ هڪ سٽوليٽر ڊيزل پڻ ڪڍي کڻي ويا ۽ سرڪاري مشنري استعمال ڪرڻ بجاءِ الٽو اسانکي وڌيڪ نقصان رسائڻ ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون هنن چيو ته اسان جو گذر سفر ان مشينري تي آهي اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي نه ڪنهن سان دشمني ڪرڻ چاهيون ٿا اسان کي ايس ايڇ او محرابپور مان ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت جان جو خطرو آهي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ٿيل نقصان جو ازالو ڪري پوليس زيادتين کان بچايو وڃي.

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

ڪارروائي دوران عبدالرسول عرف ڪراڙو ۽ سونو بروهي کي نينگريءَ جي مبينا اغوا جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو ويو. بازياب ٿيل نينگري تسمينا جانوري پوليس ۽ وارثن کي ٻڌايو ته هوءَ دڪان تان سامان وٺڻ لاءِ وڃي رهي هئي ته رستي ۾ جوابدارن سندس منهن تي مبينا طور نشي وارو رومال رکيو جنهن سبب هوءَ بيهوش ٿي وئي نينگريءَ موجب جڏهن کيس هوش آيو ته هوءَ هڪ ڪمري ۾ بند هئي جتي کيس رکيو ويو هو ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدارن کان واقعي بابت وڌيڪ جاچ ۽ پڇاڳاڇا جاري آهي پوليس اختيارين موجب ابتدائي طور ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي ۾ ڪنهن ٻئي شخص جي ملوث هجڻ بابت به مختلف پهلوئن کان جاچ ڪئي پئي وڃي. پوليس اختيارين وڌيڪ چيو آهي ته جيڪڏهن جاچ دوران وڌيڪ ماڻهن جي ملوث هجڻ جا ثبوت سامهون آيا ته انهن خلاف به قانون موجب ڪارروائي ڪندي کين گرفتار ڪيو ويندو بازياب ٿيل نينگري کي ضروري قانوني ڪارروائي ۽ طبي معائني ڪانپوءِ وارثن حوالي ڪرڻ جا قدم کنيا پيا وڃن. واقعي ڪانپوءِ علائقي واسين نينگري جي بازيابي تي ساهه پٽيو آهي جڏهن ته وارثن پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ڪري ذميوارن کي سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

نالي سان ٿي آهي جنهن کي سورو پوليس سنڌ ڪالوني جي علائقي حبن جي ڳوٺ وٽ جهنگ ۾ زنده وٺي وڃي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

تي واپڊا ملازمن وڏي انگ ۾ ايم اينڊ ٽي آفيس کان احتجاجي ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب اڳيان پهچي ڌرڻو هنيو ۽ حڪومت جي نجڪاري پاليسين خلاف سخت نعريبازي ڪئي

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

اڳ ۾ به قمرالدين چانڊيو پوليس منهنجي پٽ کي ناحق گرفتار ڪري ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جيڪو ڪيس ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي گذريل ڏينهن منهنجي پٽ کي مورو ڪورٽ ٻاهران ون ٽو فائيو موٽرسائيڪل تي پيچو ڪندڙ پوليس اهلڪارن سندس 9 سالہ معصوم بيمار نينگري صنم چانڊيو سميت کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ڊپٽي ڪمشنر دعوت قبول ڪندي ايندڙ هفتي مرڪز جو دورو ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ سنڌ، خاص طور حيدرآباد ۾ ذهني معذوري رکندڙ ٻارن جي بحالي لاءِ اين ڊي ايف پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيو هن چيو ته اين ڊي ايف پاڪستان خاص ٻارن ۽ انهن جي خاندانن جي زندگين ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي عابد لاشاري پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته اين ڊي ايف پاڪستان مستقبل ۾ به خاص ٻارن جي بحالي تعليم ۽ بااختياري لاءِ پنهنجون خدمتون جاري رکندو

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

جيل نوشهروفيروز مان جيوڻ لغاري ۽ صدام لغاري آزاد ٿي ويا

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

ڪيڊي ڌرڻو هنيو ويو رپورٽ موجب، پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين ڪنڊيارو ڊويزن پاران واپڊا جي امڪاني نجڪاري ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ قلم ڇڏ هڙتال ڪري ڊويزنل چيئرمين نور حسن ٻگهيو جنرل سيڪريٽري اختر علي ڪلوئي جي اڳواڻي ۾ ملازمن جي وڏي انگ ڊويزن آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

موجب واقعي جي ابتدائي جاچ ۾ قتل جا ڪارڻ ڪاروباري تڪرار سميت پراڻو زميني تڪرار سامهون آيو آهي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

شهيد الله بخش سومرو پارڪ پرسان قومي شاهراهه تي پهچي ايمبولينس بيهاري ڌرڻو هنيو ويو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

ڪندس منهنجي سياسي ڪيريئر ۽ منهنجي ڪاروبار کي ختم ڪرڻ لاءِ منهنجي والد صاحب کي ڪجهه ماڻهو استعمال ڪري رهيا آهن

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

چيو ته ساموندي معيشت عالمي سطح تي وڏي اهميت رکي ٿي ۽ پاڪستان وٽ به هن شعبي ۾ ترقي جا وسيع موقعا موجود آهن هن شاگردن تي زور ڀريو ته هو پاڪستان بحريه پاران فراهم ڪيل موقعن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته لاڙ ڪيمپس پاران ڊگري مڪمل ڪندڙ شاگردن جي رهنمائي لاءِ اهڙا آگاهي سيشن مستقبل ۾ به باقاعدگي سان منعقد ڪيا ويندا آخر ۾ پروفيسر ڊاڪٽر خليل رحمان پٽني پاڪستان بحريه جي ڪيمپس انتظاميا، شاگردن ۽ تقريب جي انتظامن ۾ حصو وٺندڙ عملي جا ٿورا مڃيا

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

سرڪاري زمين تي رهندو آهيان ۽ مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو گذر سفر ڪندو آهيان پر هي بااثر ڌڪر مختلف حربا استعمال ڪري مونکي هتان لڏائي منهنجي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا . آئون وس وارن کان مطالبو ٿو ڪريان ته مونکي مذڪوره بااثرن کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ انهن بااثر ڌڪرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي .

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

سيڪريٽري ، عبدالواحد رند ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري ، بابو مهيشوري جوائنٽ سيڪريٽري ، عبدالله جوڻيجو فنانس سيڪريٽري ، شاهد رضا سومرو انفارميشن سيڪريٽري ۽ الطاف جمالي آفيس سيڪريٽري چونڊيا ويا. استاد دوست پينل جي عهديدارن ، ميمبرن ۽ ورڪرن خوشي جو جشن ملهايو هن موقعي تي استاد اڳواڻن محمد صديق سومرو ۽ چونڊجي آيل عهديدارن خطاب ڪندي چيو ته گسٽا جي پليٽفارم تان معياري تعليم ادارن جي ترقي استادن جي ڀلائي لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون وينديون

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

۾بدامني ڌرڻا احتجاج ڪيا ويا ڌرڻن

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

چيو ته وفاقي حڪومت ادارن جي نجڪاري ڪري پنهنجي ماڻهن کي نوازڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي واپڊا سيپڪو سميت مختلف ڪمپنين ۾ هزارين ماڻهو جان جوکي ۾ وجهي ڪري ادارن لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن جنهن سان ملڪ جي نائي ۾ سٺو خاصو اضافو پڻ ٿيندو آهي هنن چيو ته اگر واپڊا سيپڪو جي نجڪاري ڪئي وئي ته هزارين ماڻهون بيروزگار ٿيندا ۽ انهن جي ٻچن جو به معاشي قتل ٿيندو جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو

بقايا اشتهار

55	ستون ب جريان نمبر 206 مورخہ 27.2.2025	گل محمد ولد عارب ملاح	1-00	جنسي T.O فارم جي آڌارتي داخلارڪي.	127/4AD 126/3 127/5	2-00 4-00 4-00 10-00	ستون ب 135 مورخہ 25.2.2021 جي ايس بئنڪ ۾ گروي ٿيل آهي
56	ستون ب جريان نمبر 120 مورخہ 1.01.2020 107 مورخہ 20.5.2019 108 مورخہ 20.5.2019 25.24.23.22.26 109 مورخہ 20.1.2012 218 مورخہ 2.9.2006	رياض علي ولد شاهه محمد لاشاري شاهه محمد ولد بلاول لاشاري بخت پري فاطمه	0-74 ¾ 0-12 ½ 0-6 ½ 0-6 ¼ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1750 مورخہ 10.7.2019 429 مورخہ 21.5.2013، 649 مورخہ 54،6.4.2015 مورخہ 23.1.2008. 1252 مورخہ 17.7.2008 موجب 629 مورخہ 5.5.2008 موجب 377 مورخہ 24.2.2011 موجب 2205 مورخہ 26.11.2018 موجب 1437 مورخہ 7.12.2006 موجب ورثي طور حسين جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	71/3CD 86/1AB 87/2BP	2-00 2-00 0-20 4-20	
57	ستون ب جريان نمبر 222 مورخہ 16.12.2006	دودو ولد سومار ملاح	1-00	جنسي T.O فارم جي آڌارتي داخلارڪي. 777 مورخہ 5.7.2006	119/6 120/3 120/4B 120/4C	2-18 4-00 1-00 1-00 8-18	
58	ستون ب جريان نمبر 294 مورخہ 26.1.2007	علي حسن ولد عارب ملاح	1-00	جنسي T.O فارم جي آڌارتي داخلارڪي.	119/1 119/2	4-00 2-00 6-00	
59	ستون ب جريان نمبر 114 مورخہ 16.10.2019	صغير محمد اشرف ولد محمد اسلم لاشاري	1-00	جنسي رجسٽرڊ دستاويز جي رجسٽريشن 2207 مورخہ 26.11.2018 موجب شاهه محمد کان خريد ڪئي	128	5-02	
60	ستون ب جريان نمبر 114 مورخہ 16.10.2019	صغير اسد علي ولد محمد اسلم لاشاري	1-00	جنسي رجسٽرڊ دستاويز جي رجسٽريشن 2207 مورخہ 26.11.2018 موجب شاهه محمد کان خريد ڪئي	129	5-33	
61	ستون ب جريان نمبر 112 مورخہ 4.7.2019 موجب	محمد موسيٰ ولد ميرمحمد لقمان ولد ميرمحمد محمد حمزو ولد ميرمحمد رائده ڌي، فوتي ميرمحمد جان محمد ولد محمد موسيٰ	0-14 ¼ 0-14 ¼ 0-14 ¼ 0-7 ¼ 0-50 1-00	ورثي طور ميرمحمد جي مرڻ ڪري وارث ٿيا. جنسي ٽي او فارم موجب داخلا ٿيل آهي	72/3 86/1C 86/2 86/3A 85/3,4	4-00 1-00 4-00 2-00 8-00 19-00	
62	ستون ب جر 110 مورخہ 20.5.2019.	رياض علي ولد شاهه محمد	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 2205 مورخہ 26.11.2018 موجب شاهه محمد کان خريد ڪئي.	127	8-05	
63	ستون ب جريان 28 مورخہ 28.5.2012	سومار ولد اسماعيل ملاح	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 2210 مورخہ 22.12.2024 موجب محمد يوسف ۽ ٻين کان خريد ڪئي	143/3 144/2 142/1,4 143/1 143/2 144/1	3-00 4-10 8-00 3-16 4-00 2-16 25-02	
64	ستون ب جريان 28 مورخہ 28.5.2012	نيازاحمد ولد پيربخش	1-00		112/6 113/1 113/2A	4-00 4-00 2-16 10-16	
65	ستون ب جريان نمبر 94 مورخہ 18.12.2014 50 مورخہ 26.8.2013	نيازاحمد ولد پيربخش ايضہ ايضہ	0-33 1/3 0-33 1/3 0-33 1/3 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 302 مورخہ 8.2.2016 موجب سائينڏنو کان خريد ڪئي. 591 مورخہ 31.3.2013 موجب 532 مورخہ 28.4.2010 نورحسن ۽ ٻين کان خريد ڪئي.	27 28 29 135	4-01 7-16 6-28 8-35 27-00	
66	ستون ب جريان نمبر 93 ستون ب 54 مورخہ 28.2.2014	ممتازعلي ولد پيربخش مختارعلي ولد پيربخش	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1207 مورخہ 23.6.2015 موجب عبدالستار کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 990 مورخہ 6.9.2013 موجب اميرعلي کان خريد ڪئي	26	9-30	
67	ستون ب جريان نمبر 92 مورخہ 17.10.2017	محمد اسلم ولد پيرمحمد نياز ولد حسين لاشاري	0-50 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 2071 مورخہ 29.11.2016 موجب نياز کان خريد سيشن ڪورٽ جي گروي کان آزاد	156	4-06	
68	ستون ب جريان نمبر 88 مورخہ 11.11.2016	ڏاڳاڻو ولد محمد سومار لاشاري	1-00	اڪائونٽنٽ سيشن ڪورٽ ۾ گروي ٿيل آهي.	80	6-18	
69	ستون ب جريان نمبر 77 مورخہ 21.7.2016	صديق ولد محمد موسيٰ خاصخيلي	1-00	اسسٽنٽ رجسٽرارهاءِ ڪورٽ آف سنڌ ۾ گروي ٿيل آهي.	62 72	7-19 6-22 14-01	
70	ستون ب جريان نمبر 76 مورخہ 20.7.20216	محمد ڪامران ولد محمد صديق ڪتري	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1113 مورخہ 30.5.2016 موجب عرفان علي کان خريد ڪئي	39/2,3	8-00	
71	ستون ب جريان نمبر 74	محمد ڪامران ولد محمد صديق	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 274 مورخہ 1.2.2016 موجب غلام رسول کان خريد ڪئي	53/1 53/2 53/3 53/4	4-00 4-00 4-00 4-00 16-00	
72	ستون ب جريان نمبر 72 مورخہ 2.3.2016	صغير عبدالقدير ولد صديق صغير ياسين ولد محمد افضل صغير اعجاز ولد عبدالغفور	0-33 1/3 0-33 1/3 0-33 1/3 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1788 مورخہ 3.11.2015 موجب ڏاڳاڻو کان خريد ڪئي	76	4-31	
73	ستون ب جريان نمبر 291 مورخہ 21.8.2009	اعجازعلي ولد پيربخش	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1187 مورخہ 6.6.2009 موجب اميرعلي کان خريد ڪئي	24 31	9-39 5-38 15-37	
74	ستون ب جريان نمبر65 مورخہ 1.6.2015	مختيارعلي ولد حاجي پيربخش	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1143 مورخہ 11.5.2009 موجب اميرعلي کان خريد ڪئي	23	6-07	
75	ستون ب جريان نمبر65 مورخہ 1.6.2015	مختيارعلي ولد حاجي پيربخش اعجازعلي ولد پيربخش	0-39 ½ 0-60 ½ 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1143 مورخہ 11.5.2009 موجب اميرعلي کان خريد ڪئي	25	9-37	
76	ستون ب جريان نمبر 237 مورخہ 24.7.2007 موجب	قاسم ولد عارب ملاح	1-00	جنسي ٽي او فارم 38 مورخہ 15.3.2007 موجب داخلا ٿيل آهي	141/2 141/3AB 127/4C 141/1BC	4-00 2-00 1-00 2-00 9-00	
77	ستون ب جريان نمبر 57 مورخہ 24.7.2014 موجب	مسمات بصران زال عبدالله خاصخيلي	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 39 مورخہ 6.01.2014 موجب پوڙهو کان خريد ڪئي	142/2	4-00	
78	ستون ب جريان 44 مورخہ 22.5.2005 موجب	دليپ ڪمار ولد ويرومل	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 811 مورخہ 3.4.2005 موجب يوسف ولد فتح علي کان خريد ڪئي	49/3	4-00	
79	ستون ب جريان نمبر 43 مورخہ 22.5.2013	ڌرميندر ولد ويرومل	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1431 مورخہ 19.6.2009 موجب جلال ولد مائڪ کان خريد ڪئي	50/1 50/4 51/2	4-00 4-00 2-00 10-00	
80	ستون ب جريان نمبر 37 مورخہ 28.3.2013 36 مورخہ 28.3.2013 30 مورخہ 3.7.2012	مسمات بختاور زال عالم خان صغير محمد خان ولد عالم خان صغير رحيم خان ولد عالم خان محمد هاشم ولد امام بخش لاشاري سليم خاتون زال گهرام خان	0-28 85/100 0-42 15/100 0-29 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1256 مورخہ 19.10.2012 موجب عالم خان کان خريد ڪئي ورثي طور سائين بخش ولد محمود خان جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	03	4-30	
81	ستون ب جريان نمبر 37 مورخہ 28.3.2013 30 مورخہ 3.7.2012	مسمات بختاور زال عالم خان صغير محمد خان ولد عالم خان صغير رحيم خان ولد عالم خان سليم خاتون زال گهرام خان	0-71 0-29 1-00	ورثي طور سائين بخش ولد محمود خان جي مرڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	09	6-23	
82	ستون ب جريان نمبر 236 مورخہ 24.7.2007	ساجد حفيظ ولد محمد حفيظ	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 81 مورخہ 20.01.2007 موجب طفيل احمد کان خريد ڪئي رجسٽرڊ دستاويز 410 موجب سروي نمبر 130 زهره رفيق کان خريد ڪئي	130 132 133 134	7-31 6-38 8-00 7-07 29-36	
83	ستون ب جريان نمبر 227 مورخہ 24.4.2007 موجب ۽ 196 مورخہ 30.5.2005 موجب	عبدالستار ولد محمد حسن پرويز ولد محمد حسن محمدحسن ولد حاجي لاشاري	0-25 0-25 0-50 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 294 مورخہ 3.3.2007 موجب سومرو ولد حاجي خان کان خريد ڪئي حبيب بئنڪ گروي	121 122 123 124	4-18 5-02 5-36 3-00 18-16	
84	ستون ب جريان نمبر 129.08 مورخہ 29.3.2011 موجب، 162	گهرام خان ولد الهڏنو لاشاري عالم خاتون زال امام بخش فيض محمد ولد امام بخش آمنت ڌي، امام بخش سائوڻ خان ولد ڏنو نورخان ولد ڏنو گل محمد ولد ڏنو امام زادي ڌي، ڏنو	0-28 ½ 0-06 0-17 ½ 0-09 0-11 0-11 0-11 0-06 1-00	جنسي رجسٽرڊ دستاويز 87 مورخہ 20.1.2007 موجب امام بخش کان خريد ڪئي ورثي طور ڏنو جي فوت ٿيڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	02	7-02	
85	ستون ب جريان نمبر 04	نورمحمد ولد احمد خان لغاري	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1091 مورخہ 28.6.2008 موجب جلال ولد حاجي لاشاري کان خريد ڪئي	120مان 5-04	4-30	
86	ستون ب جريان نمبر 103 مورخہ 17.12.2018	عبدالشڪور ولد محمد نواز ميمڻ		رجسٽرڊ دستاويز 1603 مورخہ 7.8.2018 موجب سومرو خان. مريم لاشاري کان خريدڪئي			
87	ستون ب جريان نمبر 295 مورخہ 28.9.2009	ولي محمد ولد صوبو لاشاري	1-00	اڪائونٽنٽ سيشن ڪورٽ سڄوري بدين کان گروي کان آزاد ٿي	57	5-37	
88	ستون ب جريان نمبر 293 مورخہ 8.9.2009	گل حسن ولد عارب ملاح	1-00	اڪائونٽنٽ سيشن ڪورٽ سڄوري بدين کان گروي کان آزاد ٿي	141/6 141/4 142/3	1-00 4-00 2-00 7-00	
89	ستون ب جريان نمبر 268 مورخہ 2.8.2008 موجب	محمد جمن ولد نورمحمد خاصخيلي	1-00	ڊيڊ آف ڪانوئنس جناب رجسٽرار صاحب جي رجسٽرڊ 587 ۽ جريان نمبر 596 مائڪرو فلم 1631 مورخہ 29.4.2008 موجب.	97/2ABC 98/1 98/2A	3-00 4-00 1-00 8-00	
90	ستون ب جريان نمبر 263 مورخہ 14.5.2008	عبدالغني ولد عثمان ٽالپر	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 424 مورخہ 9.3.2005 موجب اختر کان خريد ڪئي	185/1,2	6-09	
91	ستون ب جريان نمبر 252 مورخہ 5.4.2005 ۽ 196 مورخہ 30.5.2005 228 مورخہ 25.4.2007	اعجاز ولد سونو لاشاري محمد حسن ولد حاجي لاشاري مريم ڌي، حاجي زال خميسو	0-10 15/100 0-50 0-39 85/100 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 231 موجب خريد ڪئي	125	9-36	
92	ستون ب جريان نمبر 250 مورخہ 12.3.2008 موجب	صغير صاحب ولد محمد صديق صغير ظفرالله ولد محمد افضل صغير ارشد ولد عبدالغفور	0-33 1/3 0-33 1/3 0-33 1/3 1-00	–	71/2BCD 72/1CD 72/1AB 72/2AB 72/4 71/3AB 71/4	3-00 2-00 2-00 2-00 4-00 2-00 1-00 16-00	
93	ستون ب جريان نمبر 247 مورخہ 28.2.2008 موجب 146 موجب	محمد موسيٰ ولد صديق خاصخيلي محمد صالح ولد عبدالرحمان آسي ڌي، عبدالرحمان زينب ڌي، عبدالرحمان سوڍي ڌي، عبدالرحمان لياقت ولد عبدالرحمان محمد زمان ولد عبدالرحمان	0-16 0-18 0-09 0-09 0-12 0-18 0-18 1-00	ورثي طور مسمات خديجه جي فوت ٿيڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	163 164 165 97/3AD 97/4CD 123/2 123/3 122/2 122/1	2-00 4-39 3-22 2-00 2-00 2-8 4-00 2-24 4-00 4-00 31-13	
94	ستون ب جريان 243 مورخہ 3.01.2008	محمد يحييٰ ولد علي محمد دائود ولد علي محمد	0-50 0-50 1-00	–	109	3-33	
95	ستون ب جريان نمبر 219 مورخہ 22.9.2006	محمد صديق ولد محمد موسيٰ	1-00	سيشن ڪورٽ جي حق ۾ گروي	122/3AD 122/4 124/1 124/2AB 124/1A	2-00 4-00 3-00 2-00 1-00 12-00	
96	ستون ب جريان نمبر 214 مورخہ 8.6.2006 موجب	صغير عبدالستار ولد محمد افضل خاصخيلي		رجسٽرڊ دستاويز 1950 مورخہ 9.03.2006 موجب شفيع ولد جهندو خاصخيلي کان خريد ڪئي	88	3-35	
97	ستون ب جريان نمبر 213 مورخہ 28.6.2006موجب	صغير عبدالستار ولد محمد افضل خاصخيلي	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 450 مورخہ 28.3.2006 موجب عبدالقادر ولد عبدالغفور کان خريد ڪئي	63	2-10	
98	ستون ب جريان نمبر 203 مورخہ 22.12.2005	محمد رفيق ولد عبدالستار ٽالپر ماجدعلي ولد عبدالستار ٽالپر	0-50 0-50 1-00	–	43 44 47	6-01 6-06 4-16 16-23	
99	جريان نمبر198 22.7.2005	فيض محمد ولدامام بخش	1-00	ٽي او فارم نمبر 10 مورخہ 22.5.2004 موجب داخل	183/1,2	8-00	
100	Baqaya 2 Final.pub	خان ولد عبدالحڪيم لاشاري	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1171 مورخہ 17.7.2004 موجب پڊو ولد الهجايو کان خريد ڪئي	84	00-36	
101	ستون ب جريان نمبر 128 مورخہ 21.9.2004	صغير ارشد ولد عبدالغفور	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1042 مورخہ 5.7.2004 موجب مريم پوڙهي ۽ مولابخش کان 54000 هزار رپين ۾ خريد ڪئي	71	6-28	
102	ستون ب جريان نمبر 177 مورخہ 1.4.2004	مسمات نسيم زال محمد جمن ڌي، علي محمد	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1119 مورخہ 30.1.2004 موجب نورمحمد ولد ليمون خاصخيلي کان خريد ڪئي	167	1-22	
103	ستون ب جريان نمبر 174 مورخہ 15.3.2019 ستون ب جريان نمبر688 مورخہ 12.12.2003	محمد يحييٰ ولد علي محمد دائود ولد علي محمد محمد يحييٰ ولد علي محمد دائود ولد علي محمد	0-25 0-25 0-25 0-25 1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1595 موجب مادي. خديجه 7 فاطمه کان خريد ڪئي ورثي طور علي محمد ولد ليمون جي فوت ٿيڻ ڪري جائز وارث ثابت ٿيا.	38/4 54/1,4 55/3C 72/2BC 73/1	4-00 8-00 1-00 2-00 4-00 19-00	
104	ستون ب جريان نمبر 197 مورخہ 2.6.2005	ميرڻ ولد نورنگ لاشاري	1-00	جنسي ٽي او فارم نمبر 46 مورخہ 5.5.199 موجب داخل رکيل آهي	157	4-06	
105	ستون ب جريان نمبر 173 مورخہ 8.1.2004	مولابخش ولد صوبدار	1-00	زرعي بئنڪ کان آزاد	39	6-18	
106	ستون ب جريان نمبر 165 مورخہ 22.7.2003	هاشم ولد ليمون خاصخيلي	1-00	اڪائونٽنٽ سيشن ڪورٽ بدين جي حق ۾ گروي	105 106 108	1-14 5-07 5-34 12-15	
107	ستون ب جريان نمبر161 مورخہ 20.2.2002	موسو ولد صديق خاصخيلي	1-00	ايگريڪلچر بئنڪ ۾ گروي کان آزاد	38/2CD 38/3 39/1CD 39/4 39/1D 54/2 150 160 161 70 92 95 96	2-00 4-00 1-00 4-00 1-00 4-00 8-00 1-03 2-14 2-35 4-14 3-18 5-22 47-26	
108	ستون ب جريان 156 مورخہ 16.8.2001	سليمان ولد احمد	1-00	جنسي ٽي او فارم نمبر 93 مورخہ 20.3.2001 جي آڌارتي داخلا ٿيل	95/2CD 95/3 96/1	2-00 1-32 4-00 7-32	
109	ستون ب جريان نمبر 137 مورخہ 5.4.2000	عليم ولد عثمان خاصخيلي	1-00	زرعي بئنڪ کان آزاد جي داخلارڪي وئي	82	4-08	
110	ستون ب جريان 127	محمد افضل ولد محمد موسيٰ خاصخيلي	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 818 موجب عبدالله ولد حسين کان خريد ڪئي	120/1CD 120/2 120/4A	2-00 4-00 1-00 7-00	
111	ستون ب جريان نمبر 124 مورخہ 11.5.1999	محمد افضل ولد محمد موسيٰ	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 886 مورخہ 25.7.1996 موجب الهڏنو ۽ ٻين کان خريد ڪئي	74	5-39	
112	ستون ب جريان نمبر 120	محمد افضل ولد محمد موسيٰ خاصخيلي	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 1337 مورخہ 1.8.1998 موجب مينهون ولد صديق کان خريد ڪئي	121/1D 121/3D 121/4 122/3BC	1-00 1-00 4-00 2-00 8-00	
113	ستون ب جريان نمبر 119	محمد ابراهيم ولد عبدالغفور خاصخيلي	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 48 مورخہ 12.1.1999 موجب محمد نوح کان خريد ڪئي	121/1C 121/2CD 121/3ABC 121/4AD 88/1BCD 88/2CD 88/3A 88/4B	1-00 2-00 3-00 2-00 3-00 2-00 1-00 1-00 15-00	
114	ستون ب جريان نمبر 118	صاحب ولد صديق خاصخيلي	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 58 مورخہ 6.1.1999 موجب محمد حسن کان خريد ڪئي	97/3BC 98/2CD 98/3 98/4 99/4AD 20/1AB 121/1AB 121/2AB	2-00 2-00 4-00 4-00 2-00 2-00 2-00 2-00 20-00	
115	ستون ب جريان نمبر 98 مورخہ 15.11.1997	صغير حاجي ولد سومرو لاشاري	1-00	رجسٽرڊ دستاويز 506 مورخہ 26.3.1997 موجب حاجي ولد حاجي محمد خان کان خريد ڪئي	114 116 117	4-15 7-03 6-18 17-36	
116	ستون ب جريان نمبر 97 مورخہ 15.11.1997	حاجي ولد سومرو لاشاري	1-00	جنسي ٽي او فارم جي آڌارتي داخلا ٿيل آهي	/3AB 24/4 36/2BC 37/1AB 37/3AB 56/3 56/2 65/4A	2-00 1-22 3-10 2-00 2-00 4-00 1-00 0-36 16-28	
117	ستون ب جريان نمبر 93 مورخہ 23.1.1997	صديق ولد موسو خاصخيلي	1-00	جنسي ٽي او فارم نمبر 47 مورخہ 23.7.1997 جي آڌارتي داخلا ٿيل آهي	88/4ACD 89/2C 89/3 98/2B	3-00 1-00 4-00 1-00 9-00	
118	ستون ب جريان نمبر 33 مورخہ 3.11.1992	حسين ولد فضل لاشاري	1-00	الاٽمينٽ آرڊر موجب سال 80_1979 کان ڪٽ ٿيل آهي اهڙي داخلا رکيل آهي	149	5-00	
119	ستون ب جريان نمبر	عثمان ولد علي محمد لغاري	1-00	روينيو آفيسر ڪوٽڙي بئراج مان نڪتل ٽي او فارم ايچ 3471 مورخہ 3.8.1989 موجب چڪتو مالڪانو جمع ڪرايو بعد ۾ ٽي او فارم جي داخلارڪي وئي	46/3 45/3 45/4 44/3 47/ 48/2	2-18 3-36 4-00 4-00 3-08 4-08 21-22	

مختيارڪار
تعلقہ بدين

INF/KRY/2204/2026

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

حيدرآباد ۾ 20 ورهين نوجوان جو تشدد ٿيل لاش اسپتال مان ملڻ بعد وارثن جو احتجاج

چار ڏينهن اڳ گهران ويل عامر علي شيخ جو لاش اسپتال مان ملڻ تي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو

لاش تي تشدد جا نشان آهن، پوليس لاش اسپتال ۾ ڇڏي فرار ٿي وئي آهي: مظاهرين

پوليس موجب نوجوان چوري ڪيس ۾ گهربل هو، فرار ٿيڻ دوران ٽي ماڙ تان ڪري فوت ٿيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد 4ڏينهن اڳ گهران دوستن ويل نوجوان جو تشدد ٿيل لاش پوليس سول اسپتال ۾ ڇڏي فرار، وارثن پاران لاش ايمبولينس ۾ رکي احتجاج، انصاف جي گهر. حيدرآباد جي علائقي ڪچي قلعي جي رهواسي مرد ۽ عورتن نوجوان جو لاش ايمبولينس ۾ رکي حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي مقتول نوجوان جي پي امام بخش شيخ ڏانهيندي چيو ته منهنجو 20ورهين جو نوجوان پٽ عامر علي شيخ 30مئي2026 ڏهاڙي گهران نڪتو جيڪو رات دائين واپس گهر نه اچڻ تي مان فون تي رات جو هڪ وڳي ڌاري ڳالهايو جنهن

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



خانپورمهر: رهڙڪي دربار جي گاديسر سائين سادارام جي تيرهين واري تقريب ۾ نئون گاديسر سائين روهتم وڪرم لال صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا ۽ ٻيا شريڪ آهن

ٽنڊوالهيار ۾ بدامني تي ضابطو نه آيو، واپاري کان لک رپيا ڦر

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ بدامني ۾ اضافو ٿيڻ لڳو چورين ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون. شهر جي سول اسپتال سامهون ٽن ڄڻن ٽو فائيو موٽر سائيڪل تي سوار بن هٿيارٻندن ڳوٺ لال فقير ڀهراڻي جي رهواسي ڪيلي واپاري غلام شبير ڀهراڻي کان ڏينهن ڏٺي وچ شهر مان ساڍا 6 لک روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. اطلاع تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪيا. انهي موقعي تي واپاري غلام شبير ڀهراڻي ٻڌايو ته آئون بينڪ مان رقم ڪڍرائي ڳوٺ آيس جتان

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو محمد خان: سجاول روڊ تي ڦر دوران مزاحمت تي زخمي ٿيل نوجوان جام سليو

بدين وارڊ نمبر 4 جي رهواسين جو پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف مظاهرو

بدين (ڊ ر) بدين شهر جي وارڊ نمبر 4 سيراڻي روڊ پير ملوڪ شاهه ڪوٽ ۽ جيلاني پاڙي جي رهواسين پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ انور انصاري محمد اسماعيل سمون، سومار انصاري، نواز نعان عبدالقيوم سمون ۽ ٻين چيو ته ميونسپل چيئرمين پاڻي پهچائڻ جو وعدو ڪيو هو پر واعدي تي عمل نه ٿيو جنهن جي ڪري رهواسي سخت پريشاني جو شڪار آهن هنن چيو ته پاڻي 24 ڪلاڪن اندر نه پهتو ته ميونسپل آفيس اندر ڌرڻو

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مسوريڙي ۾ منشيات سان ڀريل رڪشا سان حادثو، پوليس هٿان جوابدار گرفتار

چلگري اسٽاپ وٽ تيز رفتار رڪشا ۽ ڪيري وين ۾ ٽڪر ٿي پيو جاني نقصان نه ٿيو

پوليس ڪارروائي ڪري 100 پڪيٽ Z-21 منشيات سميت هڪ جوابدار گرفتار ڪري ورتو

مسوريڙي (ن ع) چلگري ڦاٽي جي حد ۾ منشيات کڻي ويندڙ رڪشا سان حادثو جاني نقصان نه ٿيو هڪ گرفتار100 پڪيٽ 21zهٽ خبر موجب چلگري ڦاٽي جي حد چلگري اسٽاپ وٽ تيز رفتار رڪشا حيدرآباد کان بدين ڦاٽي جي حد طالب المولي ڪالوني منشيات کڻي وڃي رهي هئي ته ڪيري وين سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي ڪري ڪو به جاني نقصان نه ٿيو بروقت چلگري پوليس پهچي جوابدار عنايت ولد عبدالرحيم بروهي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته واقعي جو اڃا ڏاڻين ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي هوڏانهن چلگري پوليس هڪ ٻي ڪارروائي دوران شاهه بخاري مان امجد ولد علي نواز هاليپوٽو ۽ نظر حسين ولد نواب سولنگي کي گرفتار ڪري وڪانس 50 پڪيٽ 21zهٽ ڪري ڪين گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

خيرپور لڳ 11 ورهين جو نينگر پيءُ جو اڪيلو پٽ نشو ڪرڻ سبب فوت

ڳوٺ فتح علي چانڊيو ۾ ساحل چانڊيو نشي وارين گورين کائڻ سبب فوت ٿي ويو

شهرين پاران منشيات فروشن خلاف سخت ڪارروائي ڪري نوجوان نسل بچائڻ جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان ڳوٺ فتح علي چانڊيو ۾ 11 ورهين جو نينگر ساحل پٽ عنايت ▯ چانڊيو نشي وارين گورين کائڻ سبب فوت ٿي ويو آهي فوتي نينگر پيءُ جو اڪيلو پٽ هو جنهن جي فوت ٿيڻ واري اطلاع ڪانپوءِ گهر ۾ ماتم برپا ٿي ويو آهي نينگر جي وارثن جو چوڻ هو ته سندن نينگر نشي واريون گوريون ميڊيڪل اسٽور تان وٺي کاڌيون جنهن ڪان پوءِ هو بيهوش ٿيڻ بعد فوت ٿي ويو خيرپور ۽ آس پاس جي علائقن ۾ آئس، شراب ۽ نشي آور دوائون سرعام وڪرو ٿي رهيون آهن پر ان باوجود صحت کاتي ٽوڙي ڊرگس اختيارين پاران ڪو به نوٽيس نه ٿو ورتو وڃي منشيات واپرائڻ سبب ڪيترائي نوجوان پنهنجون حياتيون وڃائي ويٺا آهن جڏهن ته وڏي انگ ۾ معصوم ٻارڙا ۽

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: مال پڙي ۾ واپارين کان 35 لک ڪان وڌيڪ رقم ڦر ڪندڙ ٻه جوابدار گرفتار

جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ڪارروائي ڪري امان الله نهڙي ۽ مير حسن ڪنڀر کي گرفتار ڪيو: پوليس

جاچ دوران انڪشاف ڪيو ته واردات ۾ ڪراچي واسي شهزاد بليدي ۽ لاڙڪاڻي واسي عادل چنا پڻ شامل هئا

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان ڦر ٿيل 35 لک 56 هزار 500 رپيا نقد رقم، پسٽل ۽ موبائل فون پڻ هٿ ڪيا ويا آهن

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ پوليس وڏي ڪاميابي حاصل ڪندي مال پڙي ۾ واپارين کان لکين رپيا ڦر ڪندڙ ٽولي جي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته ٻن ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا جاري آهن ان ڳالهه جو انڪشاف ڊي ايس پي سٽي ميان اظهر سمون ۽ ايس ايڇ او سٽي نور محمد نوحاڻي ايس ايس پي آفيس عمرڪوٽ ۾ پريس ڪانفرنس دوران ڪيو هنن ٻڌايو ته 17 ڏينهن اڳ زيرو پوائنٽ ڇاڇرو روڊ تي قائم مال پڙي عمرڪوٽ ۾ ڪراچي مان آيل واپارين مختيار قاضي، امتياز قريشي ۽ اعجاز قريشي کان ٻن موٽرسائيڪلن تي سوار

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



ٽنڊوباگو/ٽاٽوبولاخان: طوفان سبب ڪريل گهر جو ڏيک

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي، انتهائي گهربل دهشتگرد کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سائيٽ ايريا ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي پابندي مڙهيل تنظيم سان لاڳاپيل جوابدار گرفتار ڪيو آهي: سي ٽي ڊي

جوابدار وٽان هينڊ گرنيڊ، ڌماڪيدار بارودي مواد، ڊيٽونيٽر هٿيار ۽ دهشتگردن جي معاونت لاءِ گڏ ڪيل رقم هٿ ڪئي آهي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) سي ٽي ڊي حيدرآباد جي ڪوٽڙي سائيٽ ايريا ۾ ڪارروائي مبينا دهشتگرد گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) حيدرآباد ڪوٽڙي سائيٽ ايريا ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي پابندي مڙهيل تنظيم سان لاڳاپيل هڪ انتهائي گهربل مبينا دهشتگرد کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي. ايس ايڇ او سي ٽي ڊي آصف حيات موجب گرفتار ٿيل جوابدار مبينا طور پابندي مڙهيل تنظيم سان واسطو رکي ٿو ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي گهربل هو سي ٽي ڊي اختيارين جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: واپڊا هائيڊرو يونين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪنڊياري: دماغي رسولي ۾ مبتلا چوڏهن ورهين جي شاگرد پاران مالي مدد لاءِ وسوارن کي اپيل

ڪنڊياري (ن ع) ڪنڊياري پرسان ڳوٺ گهرام خان ناريجو واسي 14 ورهين جو شاگرد انصار علي ولد مير خان شر دماغي رسولي (ڪينسر) جي موذي مرض ۾ مبتلا هجڻ سبب علاج لاءِ مالي سهائتا جو منتظر آهي ان سلسلي ۾ مريض جي والد مير خان شر ايم اين اي اديءَ شازيه عطا مري، ايم پي علي حسن هنگورجو ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ سارا جاويد ۽ ضلعي عشر زڪوات چيئرمين ذوالفقار چانڊيو سميت وس وارن مخير حضرات کي اپيل ڪئي آهي ته سندس پٽ جي علاج لاءِ مالي مدد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5



ڪنڊياري: دماغي بيماري ۾ مبتلا نوجوان

مورو پوليس پاران مبينا مقابلي مارجي ويل نوجوان جي وارثن جو احتجاج

پوليس دانش وسطڙو کي گرفتار ڪري ڪوڙي مقابلي ۾ قتل ڪيو آهي: وارث

جيڪڏهن اسان جو نوجوان ڏوهاري هو ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ها

مورو (ن ع) مورو پوليس گرفتار ڪيل نوجوان کي ڪوڙو مقابلو ڏيکاري قتل ڪري ڇڏيو وارثن جو احتجاج مورو پوليس نوجوان جو لاش مورو جي سرڪاري اسپتال ۾ ڪٺي آئي جتي ڊاڪٽر پاران گوليون لڳڻ ڪري فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي لاش جي سڃاڻپ جاني عرف دانش وسطڙو جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ واپڊا جي نجڪاري مخالف يونين پاران احتجاجي ريلي

ملازمن خليل احمد ڏومڪي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

نجڪاري سميت سمورا مزدور دشمن فيصلا واپس ورتا وڃن: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ سينٽرل ورڪرز يونين (سيپڪو) سکر پاران ملڪ گير نجڪاري مخالف تحريڪ جي سلسلي ۾ سکر ۾ ٻه وڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

مورو ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس زيادتين خلاف احتجاج، نوجوان ۽ معصوم کي کڻڻ جا الزام

ڳوٺ محمد اسماعيل چانڊيو واسي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

پوليس نوجوان محمد علي چانڊيو کي بيمار 9 ورهين جي صنم سميت کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

اسان کي خدشو آهي ته محمد علي کي هاف فراءِ نه ڪيو وڃي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺن

مورو(رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو قمرالدين چانڊيو لڳ ڳوٺ محمد اسماعيل چانڊيو واسي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن پاران اڄ مورو ڪورٽ ۾ پيشي لاءِ ويل نوجوان محمد علي چانڊيو کي قمرالدين چانڊيو پوليس پاران مبينا ڪنهجڻ خلاف احتجاج ڪندي چيو ته نوجوان محمد علي چانڊيو سان گڏ سندس 9 سالہ بيمار ڀاڻيجيءَ صنم ساڻ هئي جيڪا دوا وٺڻ لاءِ ساڻس گڏ هئي قمرالدين چانڊيو پوليس نوجوان سان گڏ 9ساله نينگري صنم چانڊيو کي به گم ڪري ڇڏيو آهي اهڙي عمل خلاف مبينا ڪنهيل نوجوان محمد علي جي ڀيرسن امڙ مسمات صبحت خاتون مورو پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي چيو ته اسان پورهيت ماڻهو آهيون منهنجو پٽ مزدوري ڪندو هو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڊي سي حيدرآباد پاران عابد لاشاري کي تمغہِ امتياز ملڻ تي شيلڊ پيش

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ پاران عابد لاشاري کي تمغہِ امتياز ملڻ تي شيلڊ پيش. حيدرآباد: ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ سماجي اڳواڻ ۽ اين ڊي ايف پاڪستان جي صدر عابد لاشاري (تمغہِ امتياز) کي سندس نمايان سماجي خدمتن جي اعتراف ۾ تمغہ امتياز ملڻ تي شيلڊ پيش ڪئي. ان موقعي تي عابد لاشاري ڊپٽي ڪمشنر جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ڪيس قاسم آباد ۾ قائم اين ڊي ايف بحالي مرڪز جي دوري جي دعوت ڏني

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5



ڪراچي: وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين راڻا مشهود خان تقريب ۾ شريڪ آهي

سيتارجا لڳ قتل ٿيل پورهيت علي نواز ڏينگوجو جو لاش رکي وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

پوليس لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ته هنن نوابشاهه روڊ رکي ڌرڻو هنيو

موجائي برادري جي ماڻهن زمين جي تڪرار تان پورهيت کي قتل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ڪلاڪ ڌرڻي بعد ڊي ايس پي مظاهرين وٽ پهچي قاتلن جي گرفتاري جو يقين ڏياري ڌرڻو ختم ڪرايو

سيتارجا(رپورٽ سجاد علي ڪبر)سيتارجا ويجهو درگاهه پير وهيل پرسان گذريل رات دير سان گهران سڏ ڪري هٿيارٻندن هٿان گوليون هڻي قتل ڪيل پورهيت علي نواز ڏينگوجو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ، وارثن پاران مقتول جو لاش کڻي نوابشاهه روڊ باغ ٻجراهه اسٽاپ وٽ رکي هڪ ڪلاڪ تائين قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڌرڻو هنيو ، ڊي ايس پي ميرواهه امداد ڪاليرو پاران قاتلن جي گرفتاري جي خاطري ڪرائڻ بعد ڌرڻو ختم ڪري روڊ ڪوليو ويو ڊي ايس پي ميرواهه پاران واقعي ۾ ملوث ٽئي جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ، واقعي جو قتل ڪيس داخل نه ٿي سگهيو ، پوليس

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: ايم ڪيو ايم اڳواڻ صابر قائمخاني ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪڙيوگهنور ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، ٻه ڄڻا زخمي

باگهلي شريف پرسان موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب محمد حنيف مهيري ۽ شهمير رند سخت زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور ويجهو ٻن موٽرسائيڪل ۾ حادثي ۾ ٻه ڄڻا شديد زخمي ٿيڻ جوڳي حالت ۾ حيدرآباد سول اسپتال منتقل ڪڙيوگهنور پرسان ڳوٺ باگهلي شريف جي رهواسين سان ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار ٻه ڄڻا محمد حنيف پٽ سهراب مهيري ۽ شهمير پٽ منظور رند شديد زخمي ٿي پيا، جن کي راهه ويندڙ مقامي ماڻهن زخمي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر ڪڙيوگهنور اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين کي شروعاتي طبي امداد ڏيڻ بعد سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي

حيدرآباد ۾ ميهڙ ڪاليج جي پروفيسر جو پگهار بند هجڻ ۽ نوڪري بحالي لاءِ احتجاج

14 مهينن کان سيڪريٽريٽ جا چڪر ڪاٽي رهيو آهيان: عبدالحڪيم سيال

25 سالن جي سروس فائل گم ڪئي آهي، پگهار بند ۽ پوسٽنگ نه ملڻ سبب پريشان آهيان

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) گورنمينٽ ڊگري ڪاليج بوائيز ميهڙ جي ايسوسيئيٽ پروفيسر سيالا اڳواڻ آرٽيڪس ليڪڪ ۽ ٿينڪرس فورم جي چيئرمين پروفيسر عبدالحڪيم ساجن سيال ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اپريل2025 ۾ ميهڙ ڊگري ڪاليج جي انچارج پرنسپل 3ڏينهن غير حاضري جو نوٽيس جاري ڪراچي آفيس رليو ڪري ڇڏيو جنهن ڪان پوءِ مان 14مهينن کان سيڪريٽريٽ جا چڪر ڪاٽي رهيو آهيان نه مونکي پگهار ادا ڪئي وڃي ٿي نه مونکي وڪينسي خالي هجڻ باوجود پوسٽنگ ڏني وڃي ٿي جنهن سبب ذهني پريشاني سان گڏ معاشي پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهيان هن چيو ته ظلم جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ سيڪريٽريٽ وارن منهنجي 25سالن جي سروس جو اصل فائل ئي گم ڪري ڇڏيو هن چيو ته جاڻايل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5



محرابپور: سعيد ميمڻ جي آزادي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

مورو ويجهو نوجوان سولر پلانٽ مان ڪرنٽ لڳ سبب فوت

ڳوٺ صفر ڏلو ۾ نوجوان ذوالفقار علي ڪرنٽ لڳڻ سبب بيهوش ٿي ويو

نوجوان کي تعلقي اسپتال آندو ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

مورو(ن ع)مورو پرسان ڳوٺ صفر ڏلو جي رهواسي شفيع محمد ڏلو جو رهواسي نوجوان ذوالفقار علي ڏلو سولر پلانٽ جي صفائي دوران اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب بيهوش ٿي ويو جنهن اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران سندس موت جي تصديق ڪئي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو سندس امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا!!!....

ٽاٽي بولا خان ۽ ڀرپاسي مٽي جو طوفان، ڪچن گهرن جون ڇتون ڪري پيون

مختلف ڳوٺن ٽوڙي شهرن ۾ دوڪانن جا ڇپرا ۽ سولر پليٽون پڻ اڏامي ويون

ڪوهستان ڳوٺ بخش رند، ڪرچات ۽ ٻين جابلو علائقن ۾ پڻ رهواسين جو نقصان

ٽاٽوبولاخان (رپورٽ: شوڪت خاصخيلي) ٽاٽي بولاخان ۽ آس پاس ۽ ڏورانهن وارن ۾ تيز هوا مٽي جي طوفان ڳجگوڙ ۽ ڪنوڻ سان گڏ خوف ڦهلجي ويو. جڏهن ته سول ۽ ڪڪو بارڻ ۾ ڪچن گهرن جون ڇتيون اڏامي ويون. هوڏانهن جابلو علائقي ڪڪو بارڻ ۾ وڻ مٽان ڪنوڻ ڪرڻ سبب وڻ جو ڪافي حصو سڙي رک ٿي ويو شهر ۾ دوڪانن جا ڇپرا ۽ سولر پليٽون پڻ اڏامي ويون جڏهن ته ڪرچات شهر ۾ جام خان موسو جي گهر جون سولر پليٽون ۽ سنڌس موٽر سائيڪل پڻ طوفان سبب تباهه ٿي وئي هوڏانهن ٻي پاسي ڪوهستان واري علائقي ڳوٺ پير بخش رند ۽ ڀرپاسي وارن ڳوٺن ۾ ڪڪائون گهرن جون ڇتيون ۽ سولر پليٽون اڏامڻ جا اطلاع مليا آهن جنهن سان ڳوٺاڻن جو لڪين رپيين جو نقصان جو نقصان ٿيو آهي

راڻي پور واسين جو واپڊا انتظاميا جي نااهلي خلاف احتجاجي مظاهرو

بوڏل محلا واسين 15 ڏينهن کان سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو

اعليٰ اختيارين معاملي جو فوري نوٽيس وٺي خراب ٽرانسفارمر تبديل ڪرائين

راڻي پور(ن ع) راڻي پور جي بوڏل محلا جي رهواسين واپڊا انتظاميه جي مبينا نااهلي ۽ لاپرواهي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته گذريل 15 ڏينهن کان خراب ٿيل ٽرانسفارمر کي فوري

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5



بدين: آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو يونين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

محرابپور لڳ اهلڪارن کان هٿيارٻند هٿيار ۽ سامان ڦري ويا، جوابدار گرفتار هٿيار برآمد

ڳوٺ ٻڍو ميربحر لڳ هٿيارٻند اهلڪارن خير محمد ۽ حسنين کان هٿيار ۽ موبائل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس ڳوٺ تي چڙهائي ڪري عبدالخالق، ساجد، حبيب ۽ ٻين کي گرفتار ڪري هٿيار برآمد ڪرائي ورتا

پوليس ڪرين ڊرائيور کي ملاحن جا گهر مسمار نه ڪرڻ تان ڪنڪر ڏئي ڦرلت، متاثر جو احتجاج

محرابپور (رپورٽ: سريچند) محرابپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ ٻڍو ميربحر پرسان نامعلوم هٿيارٻندن گشت تي نڪتل محرابپور ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن خير محمد راڄپر ۽ حسنين ملڪ کان سرڪاري هٿيار ۽ موبائيل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا اطلاع تي ايس ايڇ او محرابپور راجا نويد سرفراز جي اڳواڻي ۾ پوليس اتالا ساڻ ڪري ڳوٺ ٻڍو مير بحر تي چڙهائي ڪري پوليس

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي مان اغوا ٿيل معصوم نينگري کي پوليس پاران بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ

ڪڏا ڪالوني واري علائقي ۾ ڇاپو هڻي تسمينا جانوري کي بازياب ڪرايو آهي: پوليس

ڇاپي دوران اغوا ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ ڪريون پيا

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي مسڪين ڪالوني مان چار ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿيل 8 ورهين جي نينگري تسمينا جانوري کي پوليس بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪندي نينگريءَ جي مبينا اغوا ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب مسڪين ڪالوني جي رهواسڻ نينگري تسمينا جانوري ڪجهه ڏينهن اڳ گهران نڪتي هئي جنهن ڪانپوءِ هوءَ واپس نه موٽي ۽ سندس وارثن پاران ڳولا باوجود ڪو پتو نه پئجي سگهيو نينگري جي گمشدگي ڪانپوءِ وارثن پوليس کي آگاهه ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ جاچ جو سلسلو شروع ڪيو ويو. جاچ دوران پوليس کي مليل ڄاڻ جي بنياد تي سائيٽ جي ڪڏا ڪالوني واري علائقي ۾ ڇاپو هڻيو ويو جتي نينگري تسمينا کي بازياب ڪرايو ويو پوليس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5



جيڪب آباد: ويم دوران فوت ٿيل عورت جو لاش رکي وارث احتجاجي مظاهرو ڪندي

موروسانحي جي گرفتار ٿيل قيدين مان وڌيڪ ٽن جي ضمانت منظور ٿي آزاد

ٽيلي فقير جيوڻ علي احمد ۽ صدام لغاري جي ضمانت منظور ٿيڻ تي وارثن ۾ خوشي جي لهر

سانحي جي 60 قيدين مان 10 ڄڻا ضمانتون منظور ٿيڻ بعد آزادي ماڻي، 50 اڃان قيد ۾ آهن: وارث

مورو (ن ع) موروسانحي جي بيگناهه ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد ڪيل60مان ٽي پائر درگاهه مشوري شريف جا فقير جيوڻ لغاري علي احمد لغاري ۽ صدام لغاري جي ضمانت منظور ٿيڻ ڪان پوءِ رات دير سان ڊسٽرڪٽ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ واپڊا يونين پاران امڪاني نجڪاري ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ احتجاج

ملازمن نور حسن ٻگهيو، اختر علي ڪلوئي جي اڳواڻي ۾ قلم ڇڏ هڙتال ڪئي

امڪاني نجڪاري جو منصوبو فوري طور ختم ڪيو وڃي نه ته دما دم مست قلندر ٿيندو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران واپڊا جي امڪاني نجڪاري ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ قلم ڇڏ هڙتال ڪري ڊويزن آفيس کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: هڪ مزدور انبن کي ڪاٽ جي پيٽين ۾ پيڪ ڪري رهيو آهي

جيڪب آباد ۾ ويم دوران عورت فوت، وارثن جو ڊاڪٽرن تي غفلت جو الزام، ڌرڻو

22 ورهين جي رابعه جکراڻي نجي ميڊيڪل سينٽر ۾ علاج دوران فوت ٿي وئي

فوتي عورت جو مڙهه شهيد الله بخش سومرو پارڪ پرسان ايمبولينس بيهاري ڌرڻو هنيو ويو

منهنجي گهرواري جي طبيعت خراب ٿي جيڪا تڙپي تڙپي فوت ٿي وئي آهي، ذميوار ڊاڪٽرياڻي آهي: مڙس

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي نجي ميڊيڪل سينٽر تي ويم کان پوءِ طبيعت خراب ٿيڻ دوران ڳوٺ شاد محمد جکراڻي جي رهواسي خدادوست جکراڻي جي 22 ورهين جي نوجوان گهرواري مسمات رابعه جکراڻي فوت ٿي وئي، وارثن پاران ڊاڪٽرياڻي تي غفلت جو الزام لڳائي فوتي عورت جو مڙهه ايمبولينس ذريعي کڻائي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



مورو: بازياب ٿيل نوجوانن کي هار پارايا پيا وڃن

ملي: ڳوٺ ارجڪ وٽ روڊ حادثي جو ٻيو زخمي نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ملي (ڊ-ر) رات واريءَ روڊ حادثي جو ٻيو نوجوان فوت. ڏيپلو جي ڳوٺ ارجڪ وٽ روڊ حادثي جو زخمي لال خان ڪاڪڻ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. رات دير سان حادثي سبب نوجوان جمال ڪاڪڻ موقعي تي فوت ٿي ويو ٻئي فوتي پوٽريائي جا رهواسي هئا. لانگ جيپ جي ٽڪر ۾ واقعو پيش آيو هو



مورو: مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل ڏوهاري جو لاش

پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي حوالي سان هلندڙ خبرون بي بنياد آهن: مخدوم محسن

پيپلزپارٽي جو مخالف هئس ۽ هميشه رهندس، پي ٽي آئي سان منهنجو نظرياتي تعلق آهي

گهريلو معاملن کي ميڊيا تي آڻڻ جو قائل ناهيان سياسي حوالي سان اڳ ۾ به آئون پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو هئس

پيپلزپارٽي مخالف الائنس جوڙڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري عام چونڊن ۾ وڏي طاقت سان حصو وٺندس

هالا (ت ر) هالا ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي مخدوم محسن جو چوڻ هو ته منهنجي والد مخدوم فضل حسين صاحب جي طبيعت ناساز آهي آئون انهن جي صحت لاءِ دعاگو آهيان آئون پيپلزپارٽي جو مخالف هئس ۽ هميشه رهندس پي ٽي آئي سان منهنجو نظرياتي تعلق آهي پاڪستان تحريڪ انصاف کي نئو ڇڏي سگهان پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي حوالي سان منهنجي باري ۾ هلندڙ سوشل ميڊيا تي خبرون بي بنياد آهن انهن جي ترديد ڪريان ٿو گهريلو معاملن کي ميڊيا تي آڻڻ جو قائل ناهيان باقي سياسي حوالي سان اڳ ۾ به آئون پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندو هئس ۽ اڄ به آئون پنهنجا فيصلا پاڻ ئي ڪندس انڪري آئون پيپلزپارٽي مخالف اتحاد جوڙڻ وڃان پيو سڀني ضلعي جي پيپلزپارٽي جي مخالف ڌرين سان ملاقاتون

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

چيلهار واسي جو ٻارڙن سان گڏجي ٻاڻرن جي زيادتين خلاف احتجاج

چيلهار (ن ع) چيلهار ۾ سرڪاري زمين تي 2019 کان رهندڙ جواهر لال ڀيل سنڌس زال گڏي ڀيل ۽ ٻارڙن پريس ڪلب چيلهار پهچي ڏانهيندي چيو ته مان 2019 کان چيلهار ۾ شهر جي سرڪاري پلاٽ تي رهندڙ آهيان ۽ مونکي اتان لڏائي پلاٽ خالي ڪرڻ لاءِ ڳوٺ آسار جا رهواسي شيرو ٺڪر گوتو ٺڪر نارو ٺڪر، هرو ۽ سنڌس پائر حراسان ڪري رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته انهن ڪجهه وقت اڳ ۾ مونکي ڪوڙي ڪيس ۾ ٻڌ چالان ڪرايو هو آئون مسڪين ٻجڙيوال پنهنجا ٻچا وڻي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ پاڪستان بحريه بابت آگاهي سيشن

ڪمانڊر آصف رضا پاران بحريه جي جوڙجڪ ۽ ڀرتي جي طريقيڪار تي تفصيلي بريفنگ

شاگردن کي شارٽ سروس ڪميشن تحت موقعن مان فائدو وٺڻ جي هدايت

بدين (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين ۾ پاڪستان بحريه جي ڀرتي ۽ چونڊ مرڪز حيدرآباد جي سهڪار سان پاڪستان بحريه ۾ آفيسر طور شامل ٿيڻ جي موقعن بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڊگري مڪمل ڪندڙ شاگردن ۽ اميدوارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيشن کي خطاب ڪندي ڪمانڊر آصف رضا پاڪستان بحريه جي جوڙجڪ، ذميوارين ۽ قومي دفاع ۾ ان جي اهم ڪردار بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني هن شارٽ سروس ڪميشن تحت ڀرتي جي طريقيڪار گهربل تعليمي قابليت ۽ مختلف شعبن ۾ موجود موقعن بابت آگاهي ڏيندي شاگردن تي زور ڀريو ته هو پاڪستان بحريه جي مختلف شاخن ۾ هر ڇهن مهينن ڪاٽيوءِ نڪرندڙ آسامين لاءِ درخواستون ڏين ان موقعي تي لاڙ ڪيمپس بدين جي ڪوآرڊينيٽر پروفيسر ڊاڪٽر محمد طفيل چانڊيو خطاب ڪندي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5



ڪڙيوگهنور: ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب زخمي اسپتال ۾ داخل آهن

ڪيرو لڳ هلندڙ ڪار ۾ ايل پي جي سلينڊر ڦاٽڻ سبب پيءُ ۽ ڌيءُ سخت زخمي

وايارنه موري ويجهو حادثي ۾ 32 ورهين جو پيرو ۽ سنڌس ڌيءُ پوجا زخمي ٿي پيا

زخمين کي حالت ڳنڀير هجڻ سبب ڪين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

ڪيرو(ن ع) ڪيرو لڳ وايارنه موري ويجهو هلندڙ ڪار ۾ ايل پي جي سلينڈر اوچتو ڦاٽڻ سبب پيءُ ۽ ڌيءُ سخت زخمي ٿي پيا.اطلاعن موجب 32 ورهين جو پيرو ولد جيرو ڪولهي ۽ سنڌس ڌيءُ پوجا ڪولهي ڌماڪي جي نتيجي ۾ سخت زخمي ٿي پيا. واقعي کان پوءِ زخمين کي فوري طور تعلقي اسپتال ڪيرو منتقل ڪيو ويو جتي کين شروعاتي طبي امداد فراهم ڪئي وئي. ڊاڪٽرن موجب زخمين جي حالت ڳنڀير هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعي حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بدين: گسٽا ضلع بدين جي چونڊن ۾ استاد دوست پينل بنا مقابلي ڪامياب

بدين (ڊ ر) گسٽا 2026 جي چونڊن جي سلسلي ۾ گسٽا ضلع بدين جي بادي جي چونڊ لاءِ نامينيشن فارم ڀرڻ جي آخري تاريخ تي محمد صديق سومرو جي سربراهي ۾ استاد دوست پينل سامهون ڪنهن به گروپ طرفان فارم نه ڀريو ويو جنهن جي ڪري استاد دوست پينل بنا مقابلي ڪاميابي حاصل ڪري ورتي ويو عهديدارن ۾ محمد عظيم درس ضلع صدر الطاف ميمڻ سينئر نائب صدر، عبدالغفور ڪنڀر نائب صدر ميل ، ميڊم شميم آرا ڪاليرو نائب صدر فيميل ، غلام مرتضيٰ جنرل

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5



شهدادپور: پوليس اهلڪار آئيل فيلڊ مان ٽيل چوري ڪندڙ پائيپ ڪٺي وڃي رهي آهي

فيض گنج ۾ بدامني خلاف شهري اتحادن جي سڏ تي شٽر بند هڙتال، ڪ هنڌن تي مهراڻ هاءِ وي تي ڌرڻا

شهري اتحادن جي سڏ تي سياسي سماجي، سول سوسائٽي ۽ تنظيمن جي اڳواڻن مختلف هنڌن تي ڌرڻا هنيا

فيض گنج تعلقي ۾ بدامني عوام جو سڪون تباهه ڪري ڇڏيو آهي، پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي: مظاهرين

8 ڪلاڪ بعد ڊي ايس پي مظاهرين وٽ پهچي بدامني ختم ڪرائڻ جو يقين ڏياري ڌرڻا ختم ڪرايو

فيض گنج (ن ع) فيض گنج تعلقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف 5 شهرين جي شهري اتحادن جي صدرن جي ڏنل سڏ تي فيض گنج جي هيڊ واٽر واري شهر ڀڪاچانگ ۾ شٽر بند هڙتال ڪري مهراڻ هاءِ وي تي شميانا لڳائي ڌرڻو ڏنو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن استاد جميت علماء اسلام سول سوسائٽي جسقم پيپلز پارٽي فنڪشنل مسلم ليگ پ ٽ الف سميت مختلف تنظيمن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي پوري تعلقي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ واپڊا سيپڪو ملازمن پاران امڪاني نجڪاري خلاف احتجاجي ريلي

ملازمن نزاڪت پٺاڻ، سومر شنباڻي، سليم ڦلپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

نجڪاري عمل کي هميشه لاءِ ختم ڪري ملازمن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور ۾ واپڊا سيپڪو ملازمن پاران سيپڪو جي نجڪاري خلاف واپڊا آفيس کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي مظاهري جي اڳواڻي ڊويزنل چيئرمين واپڊا هائيڊرو يونين لالا نزاڪت علي پٺاڻ، سومر شنباڻي سليم ڦليپوٽو ، سهيل ابڙو نظير ڪلوڙ فيروز ابڙو ۽ ٻيا ڪري آهن ان موقعي تي واپڊا ملازم اڳواڻن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

آفيس آف دي ميونسپل ڪميٽي شهدادپور، ڊسٽرڪٽ سانگهڙ

نمبر: MC/TAX/SHD/249-2026 شهدادپور، تاريخ: 01-06-2026

کليل نيلامي

ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جي مختلف ٽيڪسن/فيسن جو مالي سال 2026-2027 (01-07-2026 to 30-06-2027) لاءِ کليل نيلامي تاريخ 16-06-2026 تي صبح جو 11:00 وڳي چيئرمين، ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جي صدارت هيٺ ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جي آفيس ۾ منعقد ڪيو ويندو. جيڪڏهن نيلامي مٿي ڄاڻايل تاريخ تي ڪنهن سبب جي ڪري مڪمل (فائنل) نه ٿي سگهي، ته اها ايندڙ تاريخن يعني 17-06-2026 ۽ 19-06-2026 تي صبح جو 11:00 وڳي ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جي آفيس ۾ هيٺين شرطن ۽ ضابطن جي تحت ٿيندي.

ڪائونسل جو نالو	سال	ٽيڪس/فيس جو قسم	مقرر ڪيل شروعاتي قيمت	شروعاتي قيمت تي 10% ڪال ڊپازٽ (روپين ۾)	10% انڪم ٽيڪس	10% سنڌ روينيو بورڊ ٽيڪس
ميونسپل ڪميٽي شهدادپور	2026-2027 (01-07-2026 to 30-06-2027)	1. مال پڙي ٽيڪس	Rs. 13710000/-	Rs. 1371000/-	Rs. 1371000/-	Rs. 1371000/-
		2. انٽري/ پارڪنگ فيس	Rs. 3088335/-	Rs. 308833/-	Rs. 308833/-	Rs. 308833/-
		3. عارضي پڙي	Rs. 1341667/-	Rs. 134166/-	Rs. 134166/-	Rs. 134166/-
		4. رت ۽ ڪسائي فيس	Rs. 199000/-	Rs. 19900/-	Rs. 19900/-	Rs. 19900/-
		5. اشتهارات ۽ سائن بورڊ فيس	Rs. 1446000/-	Rs. 144600/-	Rs. 144600/-	Rs. 144600/-
		6. شهر جو ڪچرو	Rs. 51000/-	Rs. 5100/-	Rs. 5100/-	Rs. 5100/-
		7. ماحولياتي نقصان / فٽ پاٿ تي جنريٽر رکڻ جي فيس	Rs. 491335/-	Rs. 49133/-	Rs. 49133/-	Rs. 49133/-
		8. مينهن فارم ٽيڪس/فيس	Rs. 166450/-	Rs. 16645/-	Rs. 16645/-	Rs. 16645/-
		9. ميريج هال ٽيڪس/فيس	Rs. 84375/-	Rs. 8437/-	Rs. 8437/-	Rs. 8437/-
		10. سجاوٽي دڪانن جي ٽيڪس/فيس	Rs. 132250/-	Rs. 13225/-	Rs. 13225/-	Rs. 13225/-
		11. چڪن گوشت جي دڪانن جي ٽيڪس/فيس	Rs. 155250/-	Rs. 15525/-	Rs. 15525/-	Rs. 15525/-
		12. شهر جي صفائي (2 سيڪٽرو سي ڊي)	Rs. 5340000/-	Rs. 106800/-	Rs. 106800/-	Rs. 106800/-

1. نيلاميءَ جا دستاويز ٽيڪي جا شرط ۽ ضابطا آفيس جي وقت دوران ڪنهن به سرڪاري ڪم واري ڏينهن تي ٽيڪسيشن آفيس، ميونسپل ڪميٽي شهدادپور جي آفيس ۾ ڏسي سگهجن ٿا.
2. جيڪڏهن چيئرمين آڪشن ڪميٽي نيلامي جي مقرر تاريخ تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو، ته نيلامي ايندڙ سرڪاري ڪم واري ڏينهن تي منعقد ڪئي ويندي.
3. چيئرمين آڪشن ڪميٽي کي اهو حق حاصل آهي ته هو ڪنهن به سبب ڄاڻائڻ کانسواءِ ڪنهن به يا سڀني آڇن کي رد يا منظور ڪري سگهي ٿو.

INF/KRY/2222/2026

چيف ميونسپل آفيسر
ميونسپل ڪميٽي شهدادپور

I WORK FOR SINDH | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.